Daily AWAMI SOACH Karachi
جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CERTL.
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | سومر 20 اپريل 2026ع بمطابق 02 ذوالقعد 1447ھ | قيمت: 20 | شمارو 194

وڏي وزير 6 ايم جي ڊي ريپڊ گريوٽي واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ ٺاهڻ لاءِ ايراضي ڏيڻ جي منظوري ڏني

اجلاس ۾ رٿابندي ۽ ترقيءَ ۽ آبپاشي واري وزير جام خان شورو، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاه سميت ٻيا اعليٰ عملدار پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس کي بريفنگ

حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن طرفان ديهه ڄامشورو، تعلقو قاسم آباد ۾ رٿا لاءِ ايراضيءَ جي گهر ڪئي هئي، جيڪا ساليانو ترقياتي پروگرام (اي ڊي پي) تحت آهي: جام خان شورو

ضلعي اختيارين طرفان ڳوٺ مصري شيخ ۾ اٽڪل 25 ايڪڙ زمين جي نشاندهي ڪئي وئي، جنهن مان 22 ايڪڙ "اي ون" درجي جي آهي ۽ ترت استعمال لاءِ مناسب آهي

وڏي وزير 22_14 ايڪڙ زمين حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي ميٽر جي نالي الاٽ ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، جتي پاڻي صاف ڪرڻ وارو پلانٽ تعمير ڪيو ويندو

شهري علائقن ۾ خاص طور تي تيزي سان وڌندڙ شهرن جهڙوڪ حيدرآباد ۾ صحتمند ۽ صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي انتهائي اهم آهي: سيد مراد علي شاهه

وڏي وزير اختيارين کي هدايت ڪئي ته منصوبي تي جلدي ڪم شروع ڪيو وڃي ۽ سڀ قانوني ۽ انتظامي ڪارروايون تيزي سان مڪمل ڪيون وڃن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزيراعليٰ هائوس ۾ رٿيل هڪ اهم اجلاس جي صدارت ڪندي 6 ايم جي ڊي ريپڊ گريوٽي واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ ٺاهڻ لاءِ ايراضي ڏيڻ جي منظوري ڏني. اجلاس ۾ رٿابندي ۽ ترقيءَ ۽ آبپاشي واري وزير جام خان شورو، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه سميت ٻيا اعليٰ عملدار پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي جام خان شورو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 19

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان جي عالمي سفارتي ڪاميابين بعد آمريڪا جو ڀارت تي اعتماد گهٽ ٿيندو پيو وڃي: عالمي خبر ڏيندڙ ادارو

نيويارڪ (بيورو) بين الاقوامي خبر ڏيندڙ اداري جي تازي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان سان / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 20

ايران جو وفد آمريڪا سان ڳالهين لاءِ اڱاري تي اسلام آباد ايندو

تهران (م د) الجزيره جي رپورٽ ۾ ايراني ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته ايراني وفد اڱاري تي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 21

ٽرمپ جي آمريڪي وفد جي اسلام آباد رواني ٿيڻ جي تصديق، ايراني اڱاري تي ايندا

آمريڪا هڪ ناڪا بندي جو اعلان ڪيو، جيڪو هڪ بيوقوفي ۽ جاهلاڻو فيصلو آهي، ٻيا ملڪ هرمز مان گذري سگهن ٿا، پر اسان نٿا ڪري سگهون. اهو ناممڪن آهي: ڊاڪٽر محمد باقر قاليباف

آمريڪا سان ڳالهين ۾ اڳڀرائي ٿي آهي، پر اڃا تائين هڪ ڊگهو رستو آهي دشمن ناڪام ٿيو جڏهن هو پنهنجا مقصد حاصل نه ڪري سگهيو

دشمن سوچيو ته ايران 2 کان 3 ڏينهن ۾ هٿيار ڦٽا ڪندو. اسان 40 ڏينهن تائين جنگ وڙهي. دشمن سوچيو ته ايران به وينزويلا وانگر هوندو. اهو نه ٿيو

آمريڪا نيٽو کي شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪنهن به ان جي حمايت نه ڪئي جنگ ۾ دشمن جي 170 کان 180 ڊرون کي نشانو بڻايو ويو، ۽ آمريڪي ايف_35 فائٽر جيٽ کي به نشانو بڻايو ويو

هو ايران جي جنگي ٽيڪنالاجي جي تفصيل ۾ وڃڻ نٿو چاهي، پر دشمن ضرور سمجهي چڪو هوندو، آمريڪي بارودي سرنگون صاف ڪندڙن کي پنهنجي موجوده پوزيشن کان هڪ انچ به اڳتي نه وڌڻ گهرجي: ڊاڪٽر محمد باقر قاليباف

جيڪڏهن آمريڪي بارودي سرنگون صاف ڪندڙ اڳتي وڌندا ته اسان ضرور فائرنگ ڪنداسين. مون آمريڪي وفد کي اهو اڳ ۾ ئي واضح طور تي ٻڌايو آهي: ايراني اسپيڪر

تهران (م د) ايراني ڳالهين ڪندڙ وفد جي سربراهه ۽ پارليامينٽ جي اسپيڪر ڊاڪٽر محمد باقر قاليباف هڪ انٽرويو ۾ چيو ته آمريڪا هڪ ناڪا بندي جو اعلان ڪيو جيڪو هڪ بيوقوفي ۽ جاهلاڻو فيصلو آهي. ٻيا ملڪ هرمز مان گذري سگهن ٿا، پر اسان نٿا ڪري سگهون. اهو ناممڪن آهي. باقر قاليباف چيو ته آمريڪا سان ڳالهين ۾ اڳڀرائي ٿي آهي، پر اڃا تائين هڪ ڊگهو رستو آهي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 1

ٽرمپ جي ايراني تهذيب کي ختم ڪرڻ جي ڌمڪي جي جواب ۾ ايران جي منفرد وڊيو جاري

وڊيو ۾ خاص طور اصفهان ۾ واقع هڪ قديم مسجد ڏيکاري وئي، جيڪا لڳ ڀڳ 400 سال اڳ تعمير ڪئي وئي هئي، رپورٽ

جنهن ۾ ايران جي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي کي نمايان ڪيو ويو هي مسجد پنهنجي منفرد فنِ تعمير ۽ صوتي نظام سبب سڄي دنيا ۾ مشهور آهي

تهران (م د) آمريڪا جي صدر ٽرمپ جي ايران خلاف / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 22

آمريڪا ۾ جنگي تياري تيز، ڪار ساز ڪمپنيون هاڻي هٿيار ٺاهينديون

ان حوالي سان ڳالهيون ايران سان ڇڪتاڻ کان اڳ ئي شروع ٿي چڪيون هيون، رپورٽ

آمريڪي عملدارن مشهور ڪمپنين جنرل موٽرز ۽ فورڊ سميت ٻين ٺاهيندڙ ادارن جي اعليٰ عهديدارن سان اهم ملاقاتون ڪيون آهن

واشنگٽن (م د) آمريڪا ۾ ايران ۽ يوڪرين سان جاري جنگي صورتحال سبب هٿيارن جي ذخيرن تي وڌندڙ دٻاءَ کي نظر ۾ رکندي حڪومت وڏين ڪار / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 24

نئون لڳي ته سومر تي ڳالهيون ٿينديون، ايراني سفارتي ذريعا

تهران (م د) ايراني سفارتي ذريعن چيو آهي ته نئون لڳي ته سومر تي ڳالهيون ٿي رهيون آهن، ميڊيا / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 23

سکر: صوبائي وزير ناصر شاهه پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد ۾ غير ملڪي وفدن جي آمد، ريڊ زون ۽ ايڪسٽينڊڊ ريڊ زون هر قسم جي ٽرئفڪ لاءِ مڪمل طور تي بند

ڪورال کان زيرو پوائنٽ تائين ايڪسپريس وي هر قسم جي ٽرئفڪ لاءِ بند رهندو

سرينگر هاءِ وي تي ٽرئفڪ کي به وقفي وقفي سان معطل ڪري سگهجي ٿو

اسلام آباد ڏانهن هر قسم جي وڏي ٽرئفڪ بند رهندي ۽ ٽرانسپورٽرن کي هدايت ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد ۾ غير ملڪي وفدن جي آمد کي نظر ۾ رکندي اسلام آباد جي ريڊ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 2

آمريڪا وٽ اسان کي ائٽمي هٿيار رکڻ واري حق کان محروم ڪرڻ جو ڪو به سبب نه آهي: ايراني صدر

ٽرمپ چوي ٿو ته ايران پنهنجا ائٽمي حق استعمال نه ٿو ڪري سگهي، پر هو اهو نه ٿو ٻڌائي ته ڇو؟

هو ڪير آهي جيڪو ڪنهن به ملڪ کي ان جي حق کان محروم ڪري

تهران (بيورو) ايران جي صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وٽ ايران کي ان/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 3

تيل 6 سئو رپيا في ليٽر به ٿي سگهي ٿو: احسن اقبال

هڪ سياسي جماعت ماڻهن کي ٻڌائيندي هجي ته پاڪستان جو ٻيڙو ٻڏي ويو

هڪ ليڊر جي تقرير شروع ٿي ٻيڙو غرق ٿيڻ سان ٿيندي هئي پر اڄ ان ئي پاڪستان معرڪ حق ۾ ڀارت کي سبق سيکاريو

نارووال (م د) وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته ايران / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 25

اسحاق ڊار جي پولينڊ جي پرڏيهي وزير سان فون تي ڳالهه ٻولهه

ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ پولينڊ جي وچ ۾ لاڳاپن ۾ مثبت اڳڀرائي جي واکاڻ ڪئي

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار پولينڊ جي پرڏيهي وزير رادوسلو سڪورسڪي سان فون تي ڳالهه ٻولهه / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 18


نارووال: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪندي

ملتان: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سان پرڏيهي هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪندي

واشنگٽن ۾ ايران جي صورتحال تي اهم اجلاس، ٽرمپ جي فيلڊ مارشل عاصم منير سان ٽيليفون تي ڳالهيون

واشنگٽن ۾ ايران جي صورتحال تي وائٽ هائوس جي سچويشن روم ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن جي صدارت آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪئي

اجلاس ۾ آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس، پرڏيهي وزير مارڪو روبيو، دفاع وارو وزير پيٽ هيگسٿ، ناڻي وارو وزير اسڪاٽ بيسنٽ ۽ وائٽ هائوس جي چيف آف اسٽاف سوزي وائلز شريڪ ٿيا

انهن کان علاوه آمريڪي صدر جو خاص نمائندو اسٽيو وٽڪوف، سي آءِ اي جو ڊائريڪٽر جان ريٽڪاف ۽ جوائنٽ چيفس آف اسٽاف جو چيئرمين جنرل ڊين ڪين به اجلاس ۾ موجود هئا

واشنگٽن (م د) واشنگٽن ۾ ايران جي صورتحال تي وائٽ هائوس جي سچويشن روم ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن جي صدارت آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪئي. آمريڪي ميڊيا موجب صدر ٽرمپ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ ايرانين سان فون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. اجلاس ۾ آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس، پرڏيهي وزير مارڪو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 17

اسلام آباد کان روٽ ٽو مڪه جي پهرين حج اڏام 270 پاڪستانين کي کڻي رواني

مذهبي معاملن بابت وفاقي وزير سردار محمد يوسف، سعودي ڊپٽي هيڊ مشن محمد ال علي، جوائنٽ سيڪريٽري حج محمد بخش سانگي حج پاڪستانين کي رخصت ڪيو

حج ۽ عمري واري وزير ڊاڪٽر توفيق بن ربيعه ۽ سعودي سفير نواف بن سعيد المالڪي کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو

اڄ 2026ع جي پهرين حج اڏام کي پهرين پار روانو ڪيو ويو، هر حاجي لاءِ اهو لمحو زندگي جي يادگار ترين لمحن مان هڪ آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گادي واري شهر سال 2026ع جي حج آپريشن جي باقاعده شروعات ٿي وئي آهي. اسلام آباد کان "روٽ ٽو مڪه" منصوبي تحت پهرين حج اڏام ايس وي 5723 ذريعي 270 حج پاڪستانين کي کڻي مدينه رواني ٿي / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 26

مريدڪي: وفاقي وزير رانا تنوير حسين تقريب کي خطاب ڪندي

اسرائيل وچ اوڀر ۾ جنگ جي بهاني ويڪ ايراضي تي قبضي جي ڪوشش ڪري رهيو آهي: ترڪ پرڏيهي وزير

نيتن ياهو حڪومت سيڪيورٽي کي بهانو بڻائي توسيع پسندانا قدم کڻي رهي آهي

هاڻي لبنان ۽ شام جي علائقن تي به پنهنجو ڪنٽرول وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

اسرائيل دنيا کي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ان جو مقصد رڳو پنهنجي سلامتي کي يقيني بڻائڻ آهي

انقره (م د) ترڪيه جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان اسرائيل تي الزام لڳايو آهي ته هو وچ اوڀر ۾ جاري جنگ کي هڪ بهاني طور استعمال ڪندي وڏيڪ علائقن تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق هن ڏکڻ ترڪيه / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 4

ڪراچي ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ جو دعويٰ عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش آهي: سعديه جاويد

توهان جي ٽائونز ۾ ڪرپشن ٿي رهي آهي جنهن جو جواب جماعت اسلامي کي ڏيڻو پوندو: ترجمان سنڌ حڪومت

منعم ظفر جي ميڊيا ٽاڪ سراسر ڪوڙ ۽ منفي پروپيگنڊا تي ٻڌل آهي، ڪراچي ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ جو دعويٰ عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش آهي

توهان جي ٽائونز ۾ ڪرپشن ٿي رهي آهي جنهن جو جواب جماعت اسلامي کي ڏيڻو پوندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد امير جماعت اسلامي ڪراچي منعم ظفر خان جي تازي پريس ڪانفرنس تي سخت تنقيد ڪندي ان کي ڪوڙ ۽ پروپيگنڊا تي ٻڌل قرار ڏئي ڇڏيو آهي. جاري بيان ۾ سعديه جاويد پنهنجي ب/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 27

ڪراچي: ٽريلر ۽ ڊمپر جي ٽڪر سان 2 موٽر سائيڪل سوار حياتيون وڃائي ويٺا

هلندڙ سال ٽريفڪ حادثن ۾ فوت ٿيلن جو انگ وڌي 314 ٿي ويو

پهريون حادثو ماڙي پور روڊ تي پيش آيو جتي هڪ تيز رفتار ٽرالر موٽر سائيڪل کي ٽڪر هنيو

ڪراچي (رپورٽر) شهر ۾ پيش آيل ٻن مختلف ٽريفڪ حادثن ۾ ٽرالر ۽ ڊمپر جي ٽڪر سان ٻه موٽر سائيڪل سوار نوجوان پنهنجي جان وڃائي ويٺا ت/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 29

گريٽيڊ آفيسرز ايسوسيئيشن لاڙڪاڻو ڊويزن پاران اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ جي ليپس ٿيڻ جي خطري تي ڳڻتي ظاهر

لاڙڪاڻو (م د) گريٽيڊ آفيسرز ايسوسيئيشن لاڙڪاڻو ڊويزن اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ جي / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 28

انڊونيشيا ۾ 5.8 شدت جو زلزلو

زلزلي جي اونهائي اٽڪل 10 ڪلوميٽر زمين هيٺ هئي

شروعاتي اطلاع مطابق زلزلي سبب جاني يا مالي نقصان جو فوري طور ڪو اطلاع ناهي مليو

جڪارتا (بيورو) انڊونيشيا جي اتر سماترا جي علائقي ۾ 5.8 شدت جي زلزلي جا لوڏا رڪارڊ ڪيا ويا. جرمن ريسرچ سينٽر فار جيو سائنسز (جي / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 16

عوام کي انصاف نٿو ملي، عيد کانپوءِ وڏو سڏ ڏينداسين: حافظ نعيم

سياسي جماعتن جي تبديلي سان ڪو فرق نه پوندو، اصل مسئلو پوري سسٽم کي بدلائڻ جو آهي، امير جماعت اسلامي

سياسي جماعتن جي رڳو تبديلي سان ڪو فرق نه پوندو، اصل مسئلو پوري سسٽم کي بدلائڻ جو آهي

موجوده سياسي جماعتن ۾ صرف اي ٽي ايم مشينن جي قدر آهي ۽ جيڪي ماڻهو رڳو سيٽن لاءِ سياست ڪرڻ چاهين ٿا

پشاور (م د) امير جماعت اسلامي پاڪستان چيو آهي ته عيد کانپوءِ ملڪ ۾ وڏو سڏ ڏينداسين، موجوده عدالتي نظام عوام کي انصاف فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهيو آهي ڪارڪنن جي اجتماع کي خطاب ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته سياسي جماعتن جي رڳو تبديلي سان ڪو فرق نه پوندو، اصل مسئلو پوري سسٽم کي بدلائڻ جو آهي، موجوده سياسي جماعتن ۾ صرف ا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 5

انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي جا امتحان ملتوي، ڪلاس آن لائن

سيڪيورٽي سببن جي ڪري يونيورسٽي جو مکيه ڪيمپس 26 اپريل تائين بند رهندو

هاسٽلن ۾ شاگردن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي فوري طور تي پنهنجا ڪمرا خالي ڪن

اسلام آباد (بيورو) راولپنڊي جي باراني يونيورسٽي 26 اپريل تائين بند ڪئي وئي آهي. هڪ نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 15

آبناءِ هرمز مان گذرندڙ پاڪستاني جهاز ڪچو تيل کڻي ڪراچي پورٽ پهچي ويو

شالامار جهاز ڪچي تيل سان ڪراچي پورٽ پهچي ويو آهي، ان جهاز يو اي اي مان ڪچو تيل آندو آهي

هڪ ڏينهن اڳ آمريڪي رسالي بلومبرگ دعويٰ ڪئي هئي

آمريڪي ناڪابندي کانپوءِ ڪچي مال سان آبناءِ هرمز مان نڪرندڙ اهو پهريون جهاز آهي

آبناءِ هرمز مان گذرندڙ پاڪستاني جهاز ڪچو تيل کڻي ڪراچي پورٽ پهچي ويو

ڪراچي (رپورٽر) آبناءِ هرمز مان گذرندڙ پاڪستاني جهاز ڪچو تيل کڻي ڪراچي پورٽ پهچي ويو ڪي پي ٽي ذريعن موجب شالامار جهاز ڪچي تيل سان ڪراچي پورٽ پهچي ويو آهي، ان جهاز يو اي اي مان ڪچو تيل آندو آهي، / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 6

نيو ڪراچي ۾ پيتي خوري ۾ ملوث 3 جوابدار گرفتار

پته خوري ۾ ملوث حماد پٺاڻ ولد رفيق، شهزاد پٺاڻ ولد غلام حسين ۽ سعد ولد رمضاني کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدار پيتو وصول ڪرڻ سان گڏ پيتي لاءِ اڪائونٽ نمبر به فراهم ڪندا هئا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ رينجرز نيو ڪراچي ۾ ڪارروائي ڪندي پته خوري ۾ ملوث 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو تفصيل موجب سنڌ ري/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 14

ايران اڃا تائين پنهنجا سڀ کان وڌيڪ تباهي ڪندڙ هٿيار استعمال ناهن ڪيا، سينيئر ايراني ڪمانڊر

تهران (م د) ايران جي سينيئر ڪمانڊر ۽ انقلابي گارڊز جي ڪمانڊر ان چيف جي صلاحڪ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 7

ڳالهين جي ڪري راولپنڊي ۾ جلسو ملتوي ڪيو: اسد قيصر

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 8

ڪراچي: وفاقي وزير مملڪت بلال اظهر ڪياني کي آءِ سي سي جي دوري دوران سوونئر پيش ڪندي

آمريڪا ۾ اميگريشن حراست ۾ هلندڙ سال هن وقت تائين 17 ماڻهو فوت

ڪيوبن شهري 12 اپريل تي ميامي جي هڪ وفاقي حراستي مرڪز ۾ پنهنجي سيل ۾ بي هوش حالت ۾ مليو

طبي امداد جي ڪوششن باوجود ڪيس مئل قرار ڏنو ويو موت جو سبب هن وقت معلوم ناهي ٿي سگهيو

واشنگٽن (م د) آمريڪا ۾ اميگريشن حراست دوران هلندڙ سال هن وقت تائين 17 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو انڪش/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 13

ڪراچي ۾ هفتي کان گم 52 ورهين جي ريحان جو لاش گرفتار جوابدار جي نشاندهي تي ڇيپل گارڊن جي هڪ فليٽ مان هٿ

ڪراچي (رپورٽر) پوليس عملدارن ٻڌايو آهي ته ابوالحسن اصفهاني روڊ تي واقع رهائشي عمار/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 9

ڪراچي: خواجه سرا سان مبينا اجتماعي زيادتي ۽ تشدد جو ڪيس داخل

اورنگي ٽائون ۾ پروگرام مان واپسي تي اغوا ڪيو ويو

جوابدارن زيادتي ڪرڻ بعد صدر واري علائقي ۾ ڇڏي ويا، نور حرا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ خواجه سرا سان اجتماعي زيادتي، اغوا ۽ تشدد جو ڪيس ٺاڻي اقبال مارڪيٽ ۾ داخل ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 10

ڪراچي ۾ ناري ٻن ٻارڙن سميت مڙس هٿان قتل

صوبائي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار نوٽيس ورتو، ايس ايس پي ڪيماڙي کان رپورٽ طلب

واقعي کانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي ۽ شهرين فوري انصاف جو مطالبو ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) بلديه ٽائون جي علائقي ۾ واقع هڪ گهر ۾ مڙس فائرنگ ڪري پنهنجي زال ۽ ٻن ٻارن کي موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيو صوبائ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 12

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي سان ڪويت جو قونصل جنرل ملاقات ڪندي

سنڌ جي پاڻي معاملي تي پ پ جو ڪردار افسوسناڪ رهيو: مسلم ليگ فنڪشنل

حقيقت اها آهي ته ڪرپشن، مهانگائي ۽ عوام دشمن پاليسين جي مڪمل ذميواري پيپلز پارٽي تي عائد ٿئي ٿي

سنڌ جو عوام هن وقت سخت مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي دٻاءُ کي منهن ڏئي رهيو آهي

صحت ۽ تعليم جي تباهه حال نظام ۽ امن امان جي خراب صورتحال جهڙا سنگين مسئلا پيدا نه ٿين ها

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي ترجمان پيپلز پارٽي جي تازي بيان تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته پيپلز پارٽي عوامي مسئلن تان ڌيان هٽائڻ لاءِ صرف الزام تراشي جي سياست ڪري رهي آهي هن چيو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 11

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني عوامي سوچ ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

سومر 20 اپريل 2026 ع بمطابق 02 ذوالقعد 1447ھ

غيرت جي نالي تي قتل: سنڌ جي سماج جو ڏڪوئيندڙ سچ

شريف گل خاصخيلي

سنڌ جي ڌرتي، جيڪا ڪڏهن محبت، امن، صوفيت ۽ انسانيت جي سڃاڻپ هئي، اڄ هڪ اهڙي موڙ تي بيٺل نظر اچي ٿي جتي انساني جان جي قيمت گهٽجي وئي آهي، ۽ "غيرت" جي نالي تي معصوم نياڻين جو رت وهي رهيو آهي. روزانو ڪنهن نه ڪنهن ڳوٺ، ڪنهن نه ڪنهن اوطاق، ڪنهن نه ڪنهن غريب جي گهر مان هڪ نياڻي جي زندگي ختم ڪئي وڃي ٿي ۽ ان ظلم کي روايت، ريت يا عزت جو نالو ڏئي جائز بڻايو وڃي ٿو. سوال اهو آهي ته آخر اسان جو سماج ڪهڙي طرف وڃي رهيو آهي؟

غيرت يا ظلم؟ غيرت جو لفظ پنهنجي اصل ۾ عزت، احترام ۽ اخلاقي قدرن سان جڙيل آهي. پر افسوس جو اسان جي سماج ۾ "غيرت" کي قتل، جبر ۽ ظلم سان ڳنڍي ڇڏيو ويو آهي. ڪنهن نياڻي پنهنجي مرضي سان شادي ڪري، ڪنهن تي ڪو شڪ ٿئي، يا ڪنهن رشتيدار جي انا زخمي ٿئي ته نتيجو صرف هڪ ئي نڪري ٿو: "قتل". ڇا ڪنهن جي جان وٺڻ سان عزت واپس اچي ٿي؟ ڇا رت وهائڻ سان سماج پاڪ ٿي وڃي ٿو؟ يا اهو صرف هڪ اهڙو ظلم آهي جنهن کي روايت جي پردي ۾ لڪايو وڃي ٿو؟

نياڻيون سزا لاءِ نه، عزت لاءِ آهن اسان جي سماج ۾ نياڻين کي اڪثر عزت جو نشان چيو وڃي ٿو، پر حقيقت ۾ انهن سان ورتاءُ ان جي ابتڙ آهي. ڪين پنهنجي مرضي سان جيئڻ جو حق نٿو ڏنو وڃي، تعليم کان محروم رکيو وڃي ٿو ۽ جڏهن هو پنهنجي زندگي بابت ڪو فيصلو ڪن ٿيون ته ڪين موت جي سزا ڏني وڃي ٿي.

اهو ڪيئن انصاف آهي؟ اهو ڪهڙو دين، ڪهڙو قانون، ڪهڙي انسانيت آهي جيڪا هڪ بيگناهه نياڻي کي قتل ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿي؟

جاهل ريتون رسمون هڪ ناسور سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ اڄا تائين اهڙيون رسمون زنده آهن جيڪي نه صرف غير انساني آهن، پر مڪمل طور تي ظالماڻيون آهن. "ڪارو ڪاري"، "وٽا سٽا"، "سگ چٽي"، ۽ ٻيون ڪيتريون ئي رسمون اهڙيون آهن جيڪي نياڻين جي زندگين کي داءَ تي لڳائين ٿيون.

اهي رسمون ڪنهن به مهذب سماج لاءِ هڪ داغ آهن. اهي انسانيت جي توهين آهن. ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته اهي اسان جي ايندڙ نسلن کي به ان ئي اونداهي ۾ ڌڪي رهيون آهن. پوتاري نظام ظلم جو بنياد سنڌ ۾ پوتارڪي يا وڏيراشاهي نظام اڄ به زنده آهي. وڏيرا، سردار ۽ بااثر ماڻهو قانون کان مٿانهون سمجهيا وڃن ٿا. انهن جي فيصلا عدالتن کان به وڌيڪ اثرائتا سمجهيا وڃن ٿا. جڏهن ڪنهن نياڻي کي "غيرت" جي نالي تي قتل ڪيو وڃي ٿو، ته ان جي پٺيان اڪثر ڪري ڪنهن وڏيري يا سردار جي منظوري هوندي آهي. اهي ماڻهو پنهنجن اوطاقن ۾ ويهي فيصلا ڪن ٿا، جن ۾ نه قانون هوندو آهي، نه انصاف صرف طاقت ۽ اثر رسوخ هوندو آهي. غريب ماڻهو انهن فيصلا مڃڻ تي مجبور هوندا آهن، ڇو ته انهن وٽ نه وسيلو هوندو آهي، نه آواز.

قانون ڪتابن تائين محدود اسان جي ملڪ ۾ قانون موجود آهي. آئين آهي، عدالتون آهن، پوليس آهي. پر جڏهن ڳالهه اچي ٿي انصاف جي، ته اهو سڀ ڪجهه صرف ڪتابن تائين محدود نظر اچي ٿو. غيرت جي نالي تي قتل قانوني طور جرم آهي، پر ڪيترائي ڪيس اهڙا آهن جتي ڏوهاري آزاد گهمي رهيا آهن. ڇو؟ ڇاڪاڻ ته قانون پيسي تي وڪامجي رهيو آهي.

اثر رسوخ، سفارش، ۽ رشوت انصاف کي دٻائي ڇڏين ٿا. ڪيترن ئي ڪيسن ۾، مقتول جي وارثن تي دٻاءُ وجهي "معافي" وٺي وڃي ٿي. نتيجي ۾ قاتل آزاد ٿي وڃن ٿا، ۽ اهو سلسلو جاري رهي ٿو.

ميڊيا ۽ سماجي ذميواري ميڊيا جو ڪردار به هتي انتهائي اهم آهي. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ڪيترن ئي واقعن کي صرف هڪ خبر بڻائي ڇڏيو وڃي ٿو ڪجهه وقت لاءِ شور، پوءِ خاموشي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ميڊيا نه صرف انهن واقعن کي اجاگر ڪري، پر انهن جي پويان موجود سببن تي به روشني وجهي. سماج کي جاڳائڻ لاءِ سنجيده ۽ مسلسل ڪوششون ضروري آهن.

تعليم تبديلي جو واحد رستو جيستائين اسان جي سماج ۾ تعليم عام نه ٿيندي، تيستائين اهڙيون رسمون ختم نه ٿينديون. تعليم انسان کي سوچڻ سيکاري ٿي، سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق ڪرڻ سيکاري ٿي، ۽ ظلم خلاف آواز اٿارڻ جي همت ڏئي ٿي. خاص طور تي نياڻين جي تعليم تي ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. جڏهن نياڻيون پڙهنديون، سمجهنديون، ته هو پنهنجي حقن لاءِ بيهنديون.

مذهب جو غلط استعمال اسلام هڪ اهڙو دين آهي جيڪو انصاف، رحم، ۽ انسانيت جو درس ڏئي ٿو. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ڪجهه ماڻهو مذهب کي به پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪن ٿا. غيرت جي نالي تي قتل جو اسلام سان ڪو به تعلق ناهي. اهو خالصتاً هڪ سماجي برائي آهي، جنهن کي مذهبي رنگ ڏئي ماڻهن کي گمراهه ڪيو وڃي ٿو.

سماجي سڌارا هڪ گڏيل ذميواري اهو مسئلو صرف حڪومت يا قانون جو ناهي. اهو اسان سڀني جو گڏيل مسئلو آهي. هر فرد، هر استاد، هر ليکڪ، هر صحافي، ۽ هر باشعور انسان جي ذميواري آهي ته هو ان ظلم خلاف آواز اٿاري. والدين کي گهرجي ته پنهنجي ٻارن کي اعتماد ڏين استادن کي گهرجي ته شاگردن ۾ شعور پيدا ڪن مذهبي اڳواڻن کي گهرجي ته صحيح تعليم ڏين ۽ سماجي اڳواڻن کي گهرجي ته ظلم خلاف بيهن

هاڻي به وقت آهي جيڪڏهن اسان اڄ به خاموش رهياسين، ته سڀاڻي شايد تمام دير ٿي ويندي. هر روز هڪ نياڻي جو قتل صرف هڪ خاندان جو نقصان ناهي، اهو سڄي سماج جي ناڪامي آهي.

اسان کي فيصلو ڪرڻو پوندو ڇا اسان اڃا به جاهل ريتن رسمن جا غلام رهنداسين؟

يا هڪ مهذب، باشعور، ۽ انصاف تي ٻڌل سماج جو بنياد وجهنداسين؟

غيرت جي نالي تي قتل دراصل غيرت جي توهين آهي. اصل غيرت ته اِن ۾ آهي ته اسان پنهنجي نياڻين کي عزت سان جيئڻ ڏيون، انهن جي حقن جو تحفظ ڪريون، ۽ انهن لاءِ هڪ محفوظ سماج ٺاهيون.

جيڪڏهن اڄ به اسان نه جاڳياسين، ته تاريخ اسان کي ڪڏهن به معاف نه ڪندي.

عوامي سهولتن لاءِ پيپلز بس سروس جو آغاز ۽ پنڪ اسڪوٽي اسڪيم تي سنجيده سوال!

سنڌ حڪومت طرفان شڪارپور کان سکر ۽ سکر کان گهوٽڪي تائين پيپلز بس سروس جو آغاز يقيناً هڪ مثبت قدم طور ڏٺو وڃي ٿو، جيڪو عوام کي سفري سهولتون مهيا ڪرڻ ۽ علائقن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جي اهم ڪوشش آهي. اهڙيون رٿائون نه صرف ماڻهن جي روزاني زندگي کي آسان بڻائين ٿيون، پر معاشي سرگرمين ۾ به واڌ جو سبب بڻجن ٿيون. تنهن هوندي، جڏهن ساڳي حڪومت جي ٻين منصوبن ۾ شفافيت ۽ انصاف جو فقدان نظر اچي، تڏهن اهڙا سٺا قدم به تنقيد جي زد ۾ اچي وڃن ٿا.

پنڪ اسڪوٽي اسڪيم، جيڪا خاص طور عورتن، شاگردياڻين ۽ نوڪري ڪندڙ غريب طبقي جي سهولت لاءِ متعارف ڪرائي وئي هئي، پر بدقسمتي سان پنهنجي مقصدن کان هٽي ڪري تڪرارن جو شڪار بڻجي رهي آهي. مختلف ذريعن ۽ سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ خبرن موجب، هي اسڪوٽيون عام مستحق عورتن بدران رڳو پاڪستان پيپلزپارٽي سان لاڳاپيل اڳواڻن جي گهرن تائين محدود ڪيون پيون وڃن جيئن ماضيءَ ۾ ٻوڏ متاثرن جو مليل سامان. جيڪڏهن اهي الزام درست آهن ته اها نه رڳو ناانصافي آهي، پر حڪومتي وسيلن جي کلي عام غلط استعمال جي برابر آهي.

وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته هڪ ڏينهن اڳ سکر جي شادي هال ۾ صوبائي وزيرن ۽ ايم اين ايز هٿان ورهايل پنڪ اسڪوٽين مان خيرپور ضلعي سان تعلق رکندڙ ٻن نياڻين کان شادي هال ٻاهران ئي پوليس طرفان اڳ ۾ ڏنل اسڪوٽيون واپس وٺڻ جون خبرون پڻ سامهون اچي رهيون آهن، جيڪي حڪومتي پاليسين ۾ عدم تسلسل ۽ بي ترتيبي کي ظاهر ڪن ٿيون. ۽ عام ماڻهو جي شڪايت سامهون آئي آهي ته محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي ڏنل ويزن جي ابتڙ اهڙا عمل عوام جي اعتماد کي سخت نقصان پهچائين ٿا ۽ حڪومتي دعوائن تي سوال اٿارين ٿا. عوام، خاص طور تي اهي عورتون جيڪي واقعي هن اسڪيم جون حقدار آهن، پاڻ کي نظرانداز ٿيل ۽ مايوس محسوس ڪن ٿيون.

اهڙي صورتحال ۾ ضروري آهي ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه فوري طور تي هن معاملي جو نوٽيس وٺن. شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي، ذميوارن جو تعين ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪا بي ضابطگي ثابت ٿئي ته لاڳاپيل عملدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. ان سان گڏوگڏ، مستحق نوڪري ڪندڙ عورتن ۽ شاگردياڻين کي انهن جو حق فراهم ڪرڻ لاءِ واضح ۽ منصفاڻو طريقه ڪار جوڙيو وڃي.

حڪومتن جو اصل امتحان رڳو منصوبن جو اعلان ڪرڻ ۾ نه، پر انهن جي منصفاڻي ۽ شفاف عملدرآمد ۾ هوندو آهي. جيڪڏهن پنڪ اسڪوٽي جهڙيون رٿائون سياسي مفادن جي ورچڙهي ويون، ته پوءِ عوام جو اعتماد بحال ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو. وقت جي ضرورت آهي ته حڪومت پنهنجي پاليسين ۾ سڌارو آڻي، ميرٽ کي يقيني بڻائي ۽ عوام سان ٿيندڙ ڪنهن به زيادتي جو فوري ازالو ڪري، جيئن حقيقي معنيٰ ۾ عوامي خدمت جو خواب ساڀيان ماڻي سگهي.

ڇا پاڪستان واقعي مقروض ملڪ آهي!!؟؟

اعجاز ممنائي

چون ٿا ته پاڪستان جي مجموعي قرضن جو انگ 81 هزار ارب روپين کان وڌي ويو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هر پاڪستاني شهري سراسري طور 3 لک 25 هزار رپين کان وڌيڪ جو مقروض ٿي چڪو آهي. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي رپورٽ موجب، ملڪي قرض 55 هزار ارب جڏهن ته ٻاهرين قرضن جو حجم 26 هزار ارب رپين کان مٿي آهي. پاڪستان جي مقروض صورتحال جي تفصيلن موجب هر پاڪستاني تي 3,25,000 رپين کان وڌيڪ جو بار آهي، ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو مجموعي قرض 81,000 ارب رپين جي رڪارڊ سطح تي پهچي ويا آهن. 55 هزار ارب رپيا مقامي (ملڪي) ۽ 26 هزار ارب رپيا ٻاهرين ملڪن يا ادارن جا ڏنا آهن. ان صورتحال ۾ معيشت تي دٻاءُ، مهانگائي ۽ وڌندڙ قرضن جي ڪري عوامي زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي. پاڪستان 1950 ع کان ئي آءِ ايم ايف ۽ ٻين عالمي ادارن کان قرض وٺي رهيو آهي. وڌندڙ درآمدات، برآمدات ۾ گهٽتائي، ۽ ڪاموراشاهي جي عياشين جي ڪري قرضن جو بوجھ مسلسل وڌي رهيو آهي تجزئي نگار نجم سيٺي موجب اسان جي حڪمران طبقي قرض وٺي وٺي ملڪ کي ايتري قدر نقصان پهچايو آهي، اهو پئسو غريبن جي کيسن ۾ ته ناهي ويو. البته ان جو ڪجهه حصو دفاعي خرچن تي خرچ ٿيو جيڪو ضروري به آهي، باقي انهن حڪمرانن ڦرلٽ ڪري پنهنجون جائيدادون دبئي، قطر، لنڊن ۽ پرتگال ۾ ٺاهيون آهن.جڏهن ته عوام جي حصي ۾ ڪجهه به ناهي آيو. اينڪر محمد مالڪ موجب جڏهن ماڻهو پنهنجا پاروڪٽي رهيا هجن، بجلي جا بل ڏيڻ لاءِ زيور وڪڻي رهيا هجن ۽ حڪمران 11 ارب رپين جا جهاز وٺي رهيا هجن ته ان ۾ غريب طبقي لاءِ قيامت ٿي آهي. ڳالهه رڳو اتي ناهي رڪي، هاڻي ڪاموراشاهي جي عياشين ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو پيو وڃي، پنجاب ۾ ڪامورن لاءِ نئين ٽرانسپورٽ آئي آهي، چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي لاءِ هڪ سرڪاري گاڏي، هڪ سياحتي گاڏي ۽ هڪ ذاتي استعمال لاءِ گاڏي ڏني وئي آهي، سرڪاري گاڏي 2800 سي سي، سياحتي گاڏي 8 ڪان 12 ڪروڙ واري 4700 لينڊڪروزر، ذاتي استعمال لاءِ 2800 گاڏي ڏني وئي آهي، ذاتي استعمال لاءِ 300 ليٽر پيٽرول، سرڪاري لاءِ 500 ليٽر ڏنو ويو آهي، گريڊ 17 جي آفيسرن کي 1300 سي سي گاڏيون ڏنل آهن وزيراعليٰ پنجاب لاءِ ۽ سينيٽ چيئرمين لاءِ الڳ الڳ جهاز ۽ گاڏيون خريد ڪيون ويون آهن اسان جي آفيسرن کي مليل سهولتون آمريڪا، برطانيا ۽ ترڪيه ۾ به مليل نه آهن تازو وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ڪراچي ۾ واپارين کي خطاب ڪندي انڪشاف ڪيو ته گذريل ٽن کان چئن سالن ۾ مني لانڊرنگ ذريعي 100 ارب ڊالر پاڪستان مان ٻاهر نڪري ويا آهن. هن ٻڌايو ته لنڊن ۾ مني لانڊرنگ ڪيئن ٿيندي آهي. جيڪڏهن توهان ڪي واٽس ايپ تي هڪ پائونڊ جي نوٽ تي لکيل نمبر ملندو ته سمجهو ته پئسا منتقل ٿي چڪا آهن. جيڪڏهن به يا ٽي ماڻهو ڪٽي ويا ته سڀ ڪجهه معلوم ٿي ويندو. ذهن ۾ رکو ته اهي ٽي يا چار سال جن ۾ اسان 100 ارب ڊالر ٻاهر وڃڻ جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون هي اهو وقت آهي جڏهن شهباز شريف عمران خان خلاف اتحاد تحريڪ جي ڪاميابي کان پوءِ وزيراعظم بڻيو ۽ پنجاب ۾ وزيراعليٰ پرويزالاهي عقلمندي سان پنهنجي حڪومت کي توڙي ڇڏيو ۽ محسن نقوي پنجاب جو نگران وزير اعليٰ بڻيو بعد ۾ جڏهن چونڊون ٿيون ته شهباز شريف کي ٻيهر وزيراعظم ۽ محسن نقوي کي گهرو وزير بڻايو ويو. اهڙي طرح، هو انهن ٽن يا چئن سالن تائين اقتدار ۾ رهيو ۽ ٻن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين گهرو وزير رهيو. جن جي ماتحت ادارن کي مني لانڊرنگ کي روڪڻ جو ڪم سونپيو ويو آهي. هاڻي هو پاڻ چوي ٿو ته هڪ سؤ ارب ڊالر جي مني لانڊرنگ ڪئي وئي آهي. تصور ڪريو ته هن ملڪ ۾ هڪ سؤ ارب ڊالر هٿا جيڪي گهرو وزير جي مطابق، هنڊي يا مني لانڊرنگ ذريعي ٻاهرين ملڪ موڪليا ويا. هڪ طرف اسان جي ملڪ جا هڪ سؤ ارب ڊالر ٻاهرين ملڪ هليا ويا ۽ ٻئي طرف، گڏيل عرب امارات چيو آهي ته اسان جا ساڍا ٽي ارب ڊالر واپس ڪريو جيڪي هن پاڪستان وٽ ڇهه سيڪڙو سود تي رکيا هئا. هاڻي اسان اهو ڳولڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون ته ڊالر ڪٿان حاصل ڪريون ڇو ته جيڪڏهن اسان ادا ڪنداسين ته ان جو پرڏيهي ذخيرن تي تمام خراب اثر پوندو ۽ ممڪن آهي ته ڊالر جي شرح وڌي وڃي. تنهن ڪري، اسان فوري طور تي سعودي عرب سان رابطو ڪيو ۽ پوءِ قطر سان ڳالهايو ۽ تقريباً چار ڪان ڇهه سيڪڙو سود تي هڪ نئون قرض آندو. هڪ ٻي دلچسپ ڪهاڻي ٻڌو. هڪ عالمي معاشيات دان ڪجهه ڏينهن اڳ ٽوئيٽ ڪيو ته پاڪستان جي ڪوشش جي ڪري ايران ۽ آمريڪا ۾ جيڪا جنگ بندي ٿي آهي، ان سان دنيا جي معيشتن کي ٽي ٽريلين ڊالر (ٽي هزار ارب ڊالر) جو فائدو ٿيو آهي. يعني پاڪستان جي ڪري دنيا کي ٽي هزار ارب ڊالر جو فائدو ٿيو آهي پر اهو پاڻ ٽي ارب ڊالر جو قرض گهري رهيو آهي. دنيا پاڪستان جي ڪوشش جي ڪري هزارين ارب ڊالر ڪمائي رهي آهي، هر ڪنهن جو ڪاروبار هلي رهيو آهي ۽ اسان ان تي نه رکيا آهيون ۽ پنهنجي خرچ تي ڳالهيون به ڪري رهيا آهيون ۽ ٻين ملڪن جو دورو ڪري رهيا آهيون ته جيئن هر ڪو مطمئن ٿئي ۽ جنگ مستقل طور تي بند ٿي وڃي. جيڪا تمام سٺي ڳالهه آهي ڇاڪاڻ ته دنيا کي فائدو پاڪستان جي فائدي کان وڌيڪ آهي. بهرحال، مقصد صرف اهو ظاهر ڪري ٿو ته اسان هن وقت هڪ مشڪل صورتحال ۾ آهيون ۽ ساڳئي وقت ڪيترن ئي محاذن تي وڙهي رهيا آهيون. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته دنيا ۾ پهريون ڀيرو پاڪستان جو مثبت تاثر آسمان کي ڇهي رهيو آهي ۽ سڄي دنيا جا ماڻهو، انهن جا اڳواڻ ۽ سڀ کان وڌيڪ دنيا جي ميڊيا پاڪستان جي تعريف جا پل ٻڌي رهي آهي. اسان يقين نٿا ڪري سگهون ته اهي ملڪ ۽ انهن جي ميڊيا، جيڪي اسان کي هر روز بدنام ڪندا هئا. هاڻي اسان کي دنيا ۾ امن جا سفير سڏي رهيا آهن. هن جنگ دوران، خبر آئي ته يو اي اي ناراض ٿي ويو ۽ پئسا واپس گهريا. اهو ئي يو اي اي جتي پاڪستانين ڏهه ارب ڊالرن جون ملڪيتون خريد ڪيون آهن ۽ گهٽا ڊالر غير قانوني طور تي پاڪستان مان ٻاهر ويا آهن. ڪجهه سال اڳ، ايف آءِ اي پڻ جاچ شروع ڪئي هئي، پر هن لسٽ ۾ سول ملٽري آفيسر، سياستدان، شامل نه هئا. اينڪرز ميڊيا هائوسز ۽ ڪاروباري ماڻهن جي ملڪيتن جا نالا پڙهي فائل بند ڪري ڇڏيا. جتي ملڪ جي صدر جو محل آهي، پرڏيهي وزير جا پار ڪاروبار ڪن ٿا ۽ ڪجهه اهم وزير اتي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. اتي توهان ڪهڙي ڪارروائي ڪري سگهو ٿا؟ ۽ تنهن ڪري، هڪ اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ دبئي جي هڪ آمريڪي اسپتال ۾ اعليٰ سيڪيورٽي جي نوڪري به ڪئي ۽ پاڪستان واپس اچڻ تي، ڪيس هڪ اڳوڻي سينيٽر جي هائوسنگ سوسائٽي ۾ صلاحڪار طور مقرر ڪيو ويو. سندس پڳهار يقيني طور تي لکين روپين ۾ هئي. جڏهن اهو سينيٽر پيپلز پارٽي جي حڪومت دوران وفاقي وزير بڻيو، ته هن حڪومت جا 500 ملين رپيا هڪ دوست جي بينڪ ۾ جمع ڪرايا، پر سندس اهو پئسو ٻڏي ويو. ان تي نيب جو ڪيس به داخل ڪيو ويو. تيرهن سال گذري ويا آهن ۽ ڪنهن به نيب کان ٻيهر نه ٻڌو آهي ته هن 500 ملين رپين جي اسڪينڊل جو ڇا ٿيو؟ انهن حالتن ۾، گهرو وزير جو اهو انڪشاف ڪيئن ٿو لڳي ته ٽن يا چئن سالن ۾ 100 ارب ڊالر ملڪ کان ٻاهر موڪليا ويا؟ توهان کي ياد هوندو ته هتي هي وڏي خبر آئي هئي ته اسحاق ڊار، ناڻي واري وزير جي حيثيت سان، 2014 ۾ ڪابينا ۾ هڪ سمري کڻي ويو هو، جنهن ۾ اهو ظاهر ڪيو ويو هو ته پاڪستانين جا 200 ارب ڊالر سوئس بينڪن ۾ آهن. هي سمري ايف بي آر تيار ڪئي هئي. هن سمري ۾، سڀ ڊيٽا ۽ ذريعن جو ذڪر ڪيو ويو هو ته پاڪستانين جا سوئس بينڪن ۾ ٻه سؤ ارب ڊالر آهن. ان تي، نواز شريف ڪابينا کان اجازت ورتي وئي ته اسان کي سوئس حڪومت سان هڪ معاهدي تي صحيح ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي جنهن تحت سوئس بينڪ انهن پاڪستانين جو سڀ ڊيٽا فراهم ڪندا ۽ جيڪڏهن اڪائونٽ هولڊر ذريعا ظاهر نه ڪري سگهن ته پوءِ هي پئسا پاڪستان منتقل ڪيا ويندا. پاڪستان انهن ماڻهن کي نوٽيس ڏئي سگهي ها ۽ پاڻ انڪوائري ڪري سگهي ها ۽ جيڪڏهن اهو مطمئن نه ٿئي ها ته پوءِ پاڪستان اڪائونٽ ۾ ڊالر حاصل ڪري سگهي ها. ڪابينا اجازت ڏني ۽ هڪ وفد سوئٽزرلينڊ موڪليو ويو جنهن جي سربراهي ايف بي آر جي هڪ وڏي آفيسر ڊاڪٽر محمد اشفاق احمد ڪري رهيو هو ان وقت طارق باجوه ايف بي آر جو چيئرمين هو. ڪاٿي جي انچارج اتي جي آفيسرن سان ملاقات ڪئي ۽ چيو ته هو پاڪستان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي ڇاڪاڻ ته هو اتي جي سوئس سفارتخاني ۾ ڊگهي عرصي تائين ڪم ڪري چڪو آهي. سندس پٽ لاهور ۾ پيدا ٿيو هو ۽ پاڪستان کي پنهنجو گهر سمجهي ٿو هن چيو ته اسان ايم او يو تي دستخط ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. هن ڪيس اهو به ٻڌايو هو ته هو رٽائر ٿي رهيو آهي، تنهن ڪري رٽائرمينٽ کان اڳ اهو ڪم ڪرايو. جڏهن ڊاڪٽر اشفاق احمد واپس آيا ته اسلام آباد ۾ عمران خان جو ڌرڻو شروع ٿي چڪو هو. نواز شريف حڪومت کي پيپلز پارٽي جي ضرورت هئي ۽ ان ڪري معاملو پيچيده ٿي ويو ڇاڪاڻ ته الزام آهي ته پيپلز پارٽي جي بزرگن جا ڊالر اتي پيل هئا، جيڪي 1998 ۾ اتي پيل هئا، جن جي وصولي لاءِ نواز شريف حڪومت به ڪوشش ڪئي هئي. بعد ۾، جسٽس افتخار چوڌري پڻ گيلاني حڪومت کي سوئس حڪومت کي خط لکڻ ۽ ڪيس کولڻ لاءِ قائل ڪرڻ چاهيو. پر صدر آصف علي زرداري راضي نه ٿيو ۽ يوسف رضا گيلاني کي گهر وڃڻو پيو ٻڌو آهي ته پيپلز پارٽي جي حڪومت سان تعاون جي شرط اها هئي ته سوئس معاهدي تي اڃا تائين صحيح نه ڪئي وڃي. ان جي برعڪس، ڊاڪٽر اشفاق احمد خلاف جاچ شروع ڪئي وئي ته هو ايم او يو تي چو راضي ٿيو پوءِ اهي به سؤ ارب ڊالرجن جو هن قوم سان مذاق ڪيو آهي. جن جي اڪائونٽن ۾ اهي پئسا هئا انهن کي اهو سڀ پئسا هتي ۽ اتي خرچ ڪرڻ جو وقت مليو. هاڻي، گهرو وزير جي هڪ سؤ ارب ڊالر بابت بيان مون کي ياد ڏياريو ته پهريان اسحاق ڊار ۽ پوءِ عمران خان به سؤ ارب ڊالر ملڪ ۾ واپس آڻڻ چاهيندا هئا. اهو هڪ الڳ ڪهاڻي آهي ته عمران خان جي دور ۾ انهن به سؤ ارب ڊالرن جو ڇا ٿيو؟. ان جو مطلب اهو آهي ته جنهن ملڪ جا ٽي سؤ ارب ڊالر ٻاهرين ملڪن ۾ پيل آهن. اهو سعودي عرب کان قرض گهري رهيو آهي ته جيئن متحده عرب امارات جا ٽي ارب ڊالر واپس ڪري سگهجن.

اجاراداري ختم ٿيڻ گهرجي پاڪستان ۾ تعليم جو بحران سنگين آهي. پنجاب ۾ هڪ ڪروڙ جڏهن ته خيبرپختونخوا ۾ پنجاهه لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن حافظ نعيم چيو ته آمريڪا ڪڏهن به مسلمانن جو دوست نٿو ٿي سگهي، البته ثالثي جو عمل ضرور ٿيڻ گهرجي 2001 ع ۾ پاڪستان آمريڪا جو ساٿ ڏنو پر ان مان ڪو فائدو نه ٿيو هن اهو به چيو ته پاڪستان امن لاءِ ڪردار ادا ڪيو آهي جنهن کي ساراهيو وڃڻ گهرجي. صدر ڊونلڊ ٽرمپ بابت هن چيو ته هو خوار ٿي چڪا آهن ۽ انهن سان ويجهڙائپ وڌائڻ بدران باوقار خارجه پاليسي اختيار ڪرڻ گهرجي امير جماعت اسلامي چيو ته جنگبندي جون ڪوششون درست رخ ۾ آهن. ايران آبنائ هرمز کولي ڇڏيو آهي جڏهن ته آمريڪا پنهنجي ناڪابندي ختم ناهي ڪئي سندس چوڻ موجب جنگ دوران گذريل ڇهن هفتن ۾ حڪومت 180 ارب رپيا وصول ڪيا ۽ پيٽرول ليوي ذريعي به اربين رپيا گڏ ڪيا ويا هن ن ليگ ۽ پيپلز پارٽي تي تنقيد ڪندي چيو ته هنن آمريڪي ظلمن ۽ ٽرمپ خلاف ڪو واضح موقف اختيار ناهي ڪيو

بقايا	***	06

هڪ ڏينهن اڳ آمريڪي رسالي بلومبرگ دعويٰ ڪئي هئي ته آمريڪي ناڪابندي ڪانپوءِ ڪچي مال سان آبناءِ هرمز مان نڪرندڙ اهو پهريون جهاز آهي.

بقايا	***	07

ارجنرل محمد رضا نقدي چيو آهي ته ايران کي مڪمل فوجي برتري حاصل آهي ۽ جيڪڏهن تڪرار ٻيهر وڌي ٿو ته عالمي تيل مارڪيٽن کي تباهه ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو ايراني ميڊيا موجب هڪ انٽرويو ۾ جنرل محمد رضا نقدي چيو ته ايران اڃا تائين پنهنجا سڀ کان وڌيڪ تباهي ڪندڙ هٿيار استعمال نه ڪيا آهن، ڪيترائي اهڙا هدف آهن جن کي اسان اڃا تائين نشانو نه بڻايو آهي، اسان انهن کي ايندڙ قدمن لاءِ محفوظ ڪري رهيا آهيون.هن خبردار ڪيو ته ايران خطي ۾ تيل جي پيداوار کي مستقل طور تي بند ڪري سگهي ٿو جيڪڏهن اهي اسان جي پاور پلانٽس کي نشانو بڻائين ٿا ته اهي پنهنجا پاور پلانٽ به وڃائي ڇڏيندا.هن چيو ته جيڪڏهن هڪ بيلسٽڪ ميزائل جهاز ڪيريئر جي ڊيڪ سان ٽڪرائجي ٿو ته سڄي جهاز سمنڊ ۾ ڪري پوندا ۽ هزارين ٽن گولا بارود ڦاٽندو، جيڪو آمريڪا لاءِ هڪ قومي آفت هوندو.ايران جي سينيئر ڪمانڊر چيو ته ايران جي سڀ کان وڏي طاقت ان جي زميني فوج آهي، جيڪي اڃا تائين جنگ ۾ شامل نه ٿيون آهن. جيڪڏهن علائقي ۾ آمريڪي اڏا ختم نه ڪيا ويا ته اسان پاڻ وڃي انهن کي ختم ڪري سگهون ٿا. اسان کي پنهنجن هٿيارن تي فخر ناهي. عام فوجي حسابن موجب به اسان کي فائدو آهي، پر خدا آسان سان گڏ آهي، اهوئي [illegible]

بقايا	***	01

پارليامينٽ جي اسپيڪر ڊاڪٽر محمد باقر قاليباف چيو ته دشمن ناڪام ٿيو جڏهن هو پنهنجا مقصد حاصل نه ڪري سگهيو. دشمن سوچيو ته ايران 2 کان 3 ڏينهن ۾ هٿيار ڦٽا ڪندو. اسان 40 ڏينهن تائين جنگ وڙهي. دشمن سوچيو ته ايران به وينزويلا وانگر هوندو. اهو به نه ٿيو. آمريڪا نيٽو کي شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪنهن به ان جي حمايت نه ڪئي.هن چيو ته جنگ ۾ دشمن جي 170 کان 180 ڊرون کي نشانو بڻايو ويو ۽ آمريڪي ايف_35 فائٽر جيٽ کي به نشانو بڻايو ويو، جيڪو ڪا ننڍي ڳالهه ناهي. ڊاڪٽر محمد باقر قاليباف چيو ته هو ايران جي جنگي ٽيڪنالاجي جي تفصيل ۾ وڃڻ نٿو چاهي، پر دشمن ضرور سمجهي چڪو هوندو.ان کان علاوه، ڊاڪٽر محمد باقر قاليباف چيو ته آمريڪي بارودي سرنگون صاف ڪندڙن کي پنهنجي موجوده پوزيشن کان هڪ انچ به اڳتي نه وڌڻ گهرجي. جيڪڏهن آمريڪي بارودي سرنگون صاف ڪندڙ اڳتي وڌندا ته اسان ضرور فائرنگ ڪنداسين.ايراني اسپيڪر چيو ته مون آمريڪي وفد کي اهو اڳ ۾ ئي واضح طور تي ٻڌايو آهي.

بقايا	***	02

زون ۽ ايڪسٽينڊڊ ريڊ زون کي هر قسم جي ٽرئفڪ لاءِ مڪمل طور تي بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ متبادل ٽرئفڪ پلان جاري ڪيو آهي. آءِ ٽي پي جي هڪ آفيسر آڄر تي " " کي ٻڌايو ته ڪورال کان زيرو پوائنٽ تائين ايڪسپريس وي هر قسم جي ٽرئفڪ لاءِ بند رهندو، جڏهن ته سرينگر هاءِ وي تي ٽرئفڪ کي به وقفي وقفي سان معطل ڪري سگهجي ٿو ان دوران، اسلام آباد ڏانهن هر قسم جي وڏي ٽرئفڪ بند رهندي ۽ ٽرانسپورٽرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي اسلام آباد ڏانهن سفر ڪرڻ کان پاسو ڪن. سيڪٽر G_5، G_6، G_7، F_6، F_7 جا رهواسي راولپنڊي ڏانهن اچڻ وڃڻ لاءِ مارگلا روڊ ۽ نائنٿ ايونيو استعمال ڪري سگهن ٿا. جڏهن ته اسلام آباد جي ضلعي انتظاميه وفاقي گادي واري شهر ۾ پبلڪ ۽ هيوي ٽرانسپورٽ جي حوالي سان اهم اعلان ڪندي چيو آهي ته شهر ۾ هيوي ٽرانسپورٽ ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ کي ايندڙ حڪم تائين معطل ڪئي پئي وڃي. ضلعي انتظاميه اسلام آباد طرفان جاري بيان مطابق ان حوالي سان شهرين کي گذارش آهي ته سيڪيورٽي ادارن سان سهڪار ڪن.

بقايا	***	03

جي ائٽمي هٿيار رکڻ واري حق کان محروم رکڻ جو ڪو به سبب موجود نه آهي. پرڏيهي خابرو اداري موجب ٽرمپ چوي ٿو ته ايران پنهنجا ائٽمي حق استعمال نه ٿو ڪري سگهي، پر هو اهو نه ٿو ٻڌائي ته ڇو؟ هو ڪير آهي جيڪو ڪنهن به ملڪ کي ان جي حق کان محروم ڪري. هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته ايران جنگ جو [illegible]

اپارٽمينٽ مان ريحان جو لاش مليو اهو سياسي جماعت جي عسڪري ونگ سان تعلق رکندڙ مجيب جو آهي. آپريشن ۽ انويسٽيگيشن پوليس گڏجي ڪيس تي ڪم ڪري رهيون آهن. پوليس عملدارن چيو ته لڳي ٿو ريحان کي ڪنهن ٻي جاءِ تي قتل ڪيو ويو ۽ لاش عمارت جي فليٽ ۾ لڪايو ويو هجي پوليس موجب لاش ڪيترائي ڏينهن پراڻو آهي. ڪرائم سين يونٽ ثبوت گڏ ڪري رهي آهي مقتول ريحان واٽر پمپ فيڊرل بي ايريا جو رهواسي هو. ليبارٽري مشينري ۽ سپلاءِ جو ڪم ڪندو هو

بقايا	***	10

ڪيو ويو آهي خواجه سرا نور حرا موجب 13 اپريل تي اورنگي ٽائون ۾ پروگرام مان واپسي تي گاڏي روڪي اغوا ڪيو ويو. جوابدارن زيادتي ڪئي ۽ پوءِ صدر جي علائقي ۾ ڇڏي ويا نور حرا موجب تشدد سبب اک ۽ جسم تي گهرا زخم آيا ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي موجب جوابدارن خواجه سرا کي اجتماعي زيادتي جو نشانو بڻايو طارق الاهي ٻڌايو ته گرفتار جوابدار کان اغوا ۾ استعمال ٿيل گاڏي به هٿ ڪئي وئي آهي. ايف آءِ آر ۾ ڪيترن ئي جوابدارن جا نالا شامل آهن. وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا	***	11

ته حقيقت اها آهي ته ڪرپشن، مهانگائي ۽ عوام دشمن پاليسين جي مڪمل ذميواري پيپلز پارٽي تي عائد ٿئي ٿي، جڏهن ته سنڌ جو عوام هن وقت سخت مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي دٻاءُ کي منهن ڏئي رهيو آهي ترجمان چيو ته جيڪڏهن حڪومت واقعي سنجيده هجي ها ته دوائن جي قيمتن ۾ بي تحاشا واڌ، نوجوانن لاءِ ميرٽ تي روزگار جي کوٽ، سنڌ ڀر ۾ خسته حال انفراسٽرڪچر، صحت ۽ تعليم جي تباهه حال نظام ۽ امن امان جي خراب صورتحال جهڙا سنگين مسئلا پيدا نه ٿين ها هن وڌيڪ چيو ته اٽو ڪنڊ، گيهه ۽ تيل جهڙين بنيادي ضرورتن واريون شيون مسلسل مهانگيون ٿيڻ سبب عوام جون مشڪلاتون وڌي رهيون آهن. جڏهن ته حڪومت پنهنجي ناڪامين لڪائڻ لاءِ سياسي مخالفن تي تنقيد جو سهارو وٺي رهي آهي ترجمان موجب سنڌ جي پاڻي واري معاملي تي پيپلز پارٽي جو ڪردار انتهائي افسوسناڪ رهيو آهي، جنهن سان سنڌ سنڌ دشمن پاليسيون بي نقاب ٿي چڪيون آهن ۽ ڪين عوامي ڪاوڙ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هن چيو ته فنڪشنل ليگ جي وڌندڙ عوامي مقبوليت سبب پيپلز پارٽي پريشاني جو شڪار آهي ۽ انهيءَ ڪري بي بنياد الزام هنيا پيا وڃن وڌيڪ اهو به چيو ويو ته حڪومت سياسي مفادن خاطر ڪيترائي اسپيشل اسسٽنٽ مقرر ڪري رکيا آهن، جيڪي رڳو پنهنجون نوڪريون بچائڻ لاءِ مخالفن تي تنقيد ڪري رهيا آهن آخر ۾ ترجمان چيو ته سنڌ جو عوام هاڻي باشعور ٿي [illegible]

اڳيرائي ڪئي وڃي پوليس جاءِ واردات کي تحويل ۾ وٺي شاهد گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته مختلف پهلوئن کان جاچ جاري آهي واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي ۽ شهرين فوري انصاف جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا	***	13

اف آمريڪي اميگريشن انفورسمينٽ (آءِ سي اي) پاران جاري ڪيل قيدين جي موت بابت رپورٽس ۾ ڪيو ويو آهي. رپورٽ مطابق تازو واقعو خميس تي سامهون آيو جڏهن هڪ 27 سالن جو ڪيوبن شهري 12 اپريل تي ميامي جي هڪ وفاقي حراستي مرڪز ۾ پنهنجي سيل ۾ بي هوش حالت ۾ مليو. طبي امداد جي ڪوششن باوجود ڪيس مئل قرار ڏنو ويو جڏهن ته موت جو سبب هن وقت معلوم ناهي ٿي سگهيو. پرڏيهي ميڊيا مطابق آءِ سي اي 2025 ع ۾ مجموعي طور 33 حراست هيٺ ماڻهن جي فوتگي جو اطلاع ڏنو جڏهن ته 2024 ع ۾ اهو انگ 11 رهيو هو. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته اپريل جي شروع تائين آءِ سي اي جي حراست ۾ 60 هزار کان وڌيڪ پرڏيهي موجود هئا. جيتوڻيڪ تازن مهينن ۾ ان انگ ۾ ڪجهه گهٽتائي آئي آهي پر اها سطح هن وقت به ان وقت کان نمايان طور تي وڌيڪ آهي جڏهن آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ٻيهر اقتدار ۾ آيو هو.

بقايا	***	14

جرز ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي نيو ڪراچي ۾ ڪارروائي ڪندي پته خوري ۾ ملوث حماد پٽني ولد رفيق، شهزاد پٽني ولد غلام حسين ۽ سعد ولد رمضاني کي گرفتار ڪري ورتو ترجمان سنڌ رينجرز موجب گرفتار جوابدارن جو تعلق صمد ڪانياواڙي گروهه سان آهي گرفتار جوابدار ڀتو وصول ڪرڻ سان گڏ ڀتي لاءِ اڪائونٽ نمبر به فراهم ڪندا هئا ۽ وصول ٿيل رقم ڪدي صمد ڪانياواڙي گروهه جي ڪارندن تائين پهچائيندا هئا گرفتار جوابدار ڀتي خور صمد ڪانياواڙي ۽ اسامه بن جميل جي چوڻ تي ڪم ڪندا هئا جيڪي بدنام زمانه وسيع الله لاکو گينگ سان لاڳاپيل آهن گرفتار جوابدارن جي ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن جڏهن ته گرفتار ملزمن کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ ايس آءِ يو حوالي ڪيو ويو آهي

بقايا	***	15

.نوٽيفڪيشن موجب، سيڪيورٽي سببن جي ڪري يونيورسٽي جو مڪيه ڪيمپس 26 اپريل تائين بند رهندو ۽ يونيورسٽي ۾ تدريسي عمل آن لائن هوندو. انتظاميا جي هدايتن تي، هاسٽلن ۾ شاگردن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي فوري طور تي پنهنجا ڪمرا خالي ڪن.نوٽيفڪيشن موجب، استادن ۽ عملي کي گهر کان ڪم ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي [illegible]

صورتحال ۽ امڪاني اڳيرائي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، اجلاس ۾ آبنائي هرمز جي تازي صورتحال ۽ ايران سان جاري ڳالهين جي مستقبل تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ذريعن موجب نائب صدر جي ڊي وينس، جنهن اسلام آباد ۾ ٿيل تازين ڳالهين ۾ آمريڪي وفد جي قيادت ڪئي هئي. آئنده امڪاني ڳالهين جي قيادت به ڪري سگهي ٿو ياد رهي ته آمريڪا ايران جنگبندي جي 15 ڏينهن جو مدو ختم ٿيڻ ۾ صرف 3 ڏينهن رهجي ويا آهن. صدر ٽرمپ انهي کان اڳ هن هفتي ڪنهن امڪاني معاهدي جي اميد ظاهر ڪري چڪو آهي پر اڃان تائين ڳالهين جي نئين تاريخ جو اعلان نه ڪيو ويو آهي. هڪ اعليٰ آمريڪي عهديدار خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن ڳالهين ۾ ڪا به بريڪ ٿرو نه ٿئي ته آئنده ڪجهه ڏينهن ۾ ٻيهر ڇڪتاڻ ۽ امڪاني طور تي جنگ جو خطرو وڌي سگهي ٿو جڏهن ته وائيٽ هائوس سچويشن روم ۾ ٿيل انهي اهم اجلاس جي حوالي سان اڃان تائين ڪو به باضابطه بيان جاري نه ڪيو ويو آهي.

بقايا	***	18

ه ڪئي. پرڏيهي معاملن جي وزارت پاران آچر تي جاري ڪيل بيان موجب، ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ پولينڊ جي وچ ۾ لاڳاپن ۾ مثبت اڳيرائي جي واڪاڻ ڪئي ۽ گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي عزم کي ورجايو. ان موقعي تي علائقائي ۽ عالمي معاملن تي به تفصيل سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پولينڊ جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير رادو سلو سڪورسڪي ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جنگ بندي کي آسان بڻائڻ لاءِ پاڪستان جي ڪوشش ۽ امن ۽ استحڪام جي فروغ لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي حوالي سان پاڪستان جي مسلسل عزم کي ساراهيو.

بقايا	***	19

ٻڌايو ته حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن طرفان ديهه جامشورو، تعلقو قاسم آباد ۾ رٽا لاءِ ايراضيءَ جي گهر ڪئي هئي، جيڪا سالياني ترقياتي پروگرام (اي ڊي پي) تحت آهي. ضلعي اختيارين طرفان ڳوٺ مصري شيخ ۾ اٽڪل 25 ايڪڙ زمين جي نشاندهي ڪئي وئي، جنهن مان 22 ايڪڙ "اي ون" درجي جي آهي ۽ ترت استعمال لاءِ مناسب آهي. وڏي وزير 14_22 ايڪڙ زمين حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي ميئر جي نالي الاٽ ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، جتي پاڻي صاف ڪرڻ وارو پلانٽ تعمير ڪيو ويندو. سيد مراد علي شاهه چيو ته شهري علائقن ۾ خاص طور تي تيزي سان وڌندڙ شهرن جهڙوڪ حيدرآباد ۾ صحتمند ۽ صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي انتهائي اهم آهي، وڏي وزير اختيارين کي هدايت ڪئي ته منصوبي تي جلدي ڪم شروع ڪيو وڃي ۽ [illegible]

اڳواڻن علائقي ۾ امن لاءِ پاڪستان جي ڪردار کي مثبت قرار ڏنو ٻي پاسي ڀارت ۾ اپوزيشن اڳواڻن ۽ ميڊيا طرفان وزيراعظم نريندر مودي تي تنقيد ٿي رهي آهي جتي سندن خارجه پاليسي کي موجوده صورتحال ۾ غير موثر قرار ڏنو پيو وڃي تجزيه ڪار موجب علائقي ۾ تبديل ٿيندڙ سفارتي ترجيحات ۽ ڪردار عالمي طاقتن جي لاڳاپن تي گهرا اثر وجهي سگهن ٿا، ۽ پاڪستان جو وڌندڙ ڪردار مستقبل ۾ وڌيڪ اهميت اختيار ڪري سگهي ٿو

بقايا	***	21

پاڪستان پهچندو. جتي آمريڪا سان ڳالهيون ڪيون وينديون ذريعن جو چوڻ آهي ته امڪان آهي ته وفد ساڳيو هوندو جيئن گذريل مرحلي ۾ هو جنهن ۾ پرڏيهي وزير عباس عراقچي، پارليامينٽ جو اسپيڪر محمد باقر قاليباف شامل هئا ايراني اميد رکن ٿا ته اربع تي جنگبندي ۾ واڌ بابت هڪ علامتي گڏيل اعلان ڪيو ويندو ان کان پوءِ جيڪڏهن حالتون سازگار رهيون ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اسلام آباد اچڻ تي راضي ٿيو. ته ايراني صدر به اچي سگهي ٿو ۽ پوءِ "صدرن جي گڏيل ملاقات" ٿيندي، جتي هڪ گڏيل "اسلام آباد اعلاميي" تي صحيون ڪيون وينديون. ٽرمپ طرفان وفد موڪلڻ جي اعلان کان پوءِ به، تهران طرفان اڃا تائين ڪا به سرڪاري تصديق ناهي ٿي ته سندن ڳالهيون ڪندڙ اسلام آباد جو دورو ڪندا گذريل هفتي جي آخر ۾ اعليٰ سطحي ڳالهيون ڪنهن معاهدي تائين نه پهچي سگهيون هيون

بقايا	***	22

سخت بيان کان پوءِ هڪ نئون بحث شروع ٿي ويو آهي صدر ٽرمپ جنگبندي کان اڳ پنهنجي هڪ بيان ۾ دعويٰ ڪئي هئي ته هو هڪ ئي رات ۾ ايران جي تهذيب کي تباهه ڪري سگهي ٿو جنهن تي ايران طرفان ردعمل سامهون آيو آهي سوئيڊن ۾ قائم ايراني سفارتخاني هن بيان جي جواب ۾ سوشل ميڊيا تي هڪ وڊيو جاري ڪئي، جنهن ۾ ايران جي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي کي نمايان ڪيو ويو هي مسجد پنهنجي منفرد فن تعمير ۽ صوتي نظام سبب سڄي دنيا ۾ مشهور آهي هن مسجد جي خاص ڳالهه اها آهي ته ان جي اندر هڪ مخصوص هنڌ تي بيهي اذان ڏني وڃي يا بلند آواز ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي ته ان جو پڙلاءُ سڄي هال ۾ صاف ٻڌي سگهجي ٿو جڏهن ته ان وقت لائوڊ اسپيڪر جهڙيون جديد سهولتون موجود نه هيون وڊيو ۾ هڪ شخص کي ڪاغذي نوٽ سڌو ڪندي به ڏيکاريو ويو، جنهن جو هلڪو آواز به مسجد ۾ گونجندي محسوس ٿئي ٿو جنهن سان هن تاريخي عمارت جي خوبين کي اجاگر ڪيو ويو ايراني سفارتخاني هڪ ٻي وڊيو به جاري ڪئي جنهن ۾ پهرين صدي عيسوي ۾ تعمير ٿيل هڪ قديم گرجا گهر ڏيکاريو ويو، جيئن مختلف مذهبن ۽ تهذيبن جي تاريخي [illegible]

ڪمپنين کي چيو ويو ته هو هٿيارسازي جي شعبي ۾ وڌيڪ فعال ڪردار ادا ڪن رپورٽ موجب ٽرمپ انتظاميه جو منصوبو آهي ته ڪار ساز ڪمپنين ۽ ٻين صنعتي ادارن جي پيداواري صلاحيت استعمال ڪندي هٿيارن ۽ فوجي سازوسامان جي پيداوار ۾ واڌ ڪئي وڃي هن حڪمت عملي کي ماضي جي مثالن، خاص طور ٻي عالمي جنگ دوران اختيار ڪيل ماڊل سان ڳنڍيو پيو وڃي، جڏهن آمريڪي صنعتن گاڏين بدران جنگي سازوسامان تيار ڪيو هو ذريعن موجب پينٽاگون چاهي ٿو ته اهي ڪمپنيون پنهنجين فيڪٽرين، ٽيڪنالاجي ۽ افرادي قوت کي استعمال ڪندي هٿيارن جي پيداوار وڌائين، ڇاڪاڻ ته موجوده جنگن سبب آمريڪي ذخيرا تيزي سان گهٽجي رهيا آهن رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ان حوالي سان ڳالهيون ايران سان ڇڪتاڻ کان اڳ ئي شروع ٿي چڪيون هيون، جڏهن ته تازي جنگي حالتن هن ضرورت کي وڌيڪ وڌائي ڇڏيو آهي ياد رهي ته ان کان اڳ ڪورونا وبا دوران به جنرل موٽرز ۽ فورڊ طبي ڪمپنين سان گڏجي هزارين وينٽيليٽر تيار ڪيا هئا، جيڪي هنگامي حالتن ۾ صنعتي شعبي جي ڪردار جو وڏو مثال آهن

بقايا	***	25

جنگ جاري رهي ته تيل اڳهه 6 سئو رپيا في ليٽر کان وڌي ويندا ۽ دنيا جي معيشت ويهي ويندي. نارووال ۾ تقريب کي خطاب ڪندي احسن اقبال چيو ته هڪ سياسي جماعت ماڻهن کي ٻڌائيندي هجي ته پاڪستان جو ٻيڙو ٻڏي ويو، هڪ ليڊر جي تقرير شروع ٿئي ٻيڙو غرق ٿيڻ سان ٿيندي هئي پر اڄ ان ئي پاڪستان معرڪ حق ۾ ڀارت کي سبق سيکاريو، اڄ آسٽريليا کان وٺي آمريڪا تائين سڄي دنيا ۾ جنهن ملڪ جي هاڪ آهي، اهو پاڪستان آهي.هن چيو ته الله پاڪ وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جي قيادت ۾ پاڪستان جو پرچم سڄي دنيا ۾ بلند ڪري ڇڏيو آهي، تاريخ ڪٿي ڏسو، جڏهن ته ن ليگ جي حڪومت آئي ته پاڪستان جو وقار بلند ٿيو.

بقايا	***	26

وئي. مذهبي معاملن بابت وفاقي وزير سردار محمد يوسف، سعودي ڊپٽي هيڊ مشن محمد ال علي، جوائنٽ سيڪريٽري حج محمد بخش سانگي حج پانڌيئڙن کي رخصت ڪيو. وفاقي وزير سردار محمد يوسف بهترين سهولتن جي فراهمي ۽ سهڪار تي خادم الحرمين شريفين ولي عهد محمد بن سلمان، سعودي عرب جي حج ۽ عمري واري وزير ڊاڪٽر توفيق بن ربيعه ۽ سعودي سفير نواف بن سعيد المالڪي کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو. وفاقي وزير سردار محمد يوسف چيو ته اڄ 2026 ع جي پهرين حج اڏام کي پليءِ پار روانو ڪيو ويو. هر حاجي لاءِ اهو لمحو زندگي جي يادگار ترين [illegible]

خاص انتظام ڪيا ويا آهن. سمورن سرڪاري حاجين کي مدينه ۾ مرڪزيه ويجهو رهائش ڏني وئي آهي. هن چيو ته حج رڳو عبادت نه پر روحاني تربيت جو ذريعو آهي. هن حج پانڌيئڙن کي صبر، نظم ۽ ضبط سان حج مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته سعودي قانونن جي پابندي ۽ خدام الحجاج جي هدايتن تي عمل ڪرڻ هر حاجي تي لازم قرار آهي. هن چيو ته حاجي پاڪستان جا سفير آهن. هاڪاري ڪردار ادا ڪن.

بقايا	***	27

يان ۾ چيو ته منعم ظفر جي ميڊيا ٽاڪ سراسر ڪوڙ ۽ منفي پروپيگنڊا تي ٻڌل آهي. ڪراچي ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ جو دعويٰ عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش آهي، جماعت اسلامي پنهنجي ٽائونز ۾ ڪارڪردگي تي ڌيان ڏئي سعديه جاويد چيو ته توهان جي ٽائونز ۾ ڪرپشن ٿي رهي آهي جنهن جو جواب جماعت اسلامي کي ڏيڻو پوندو. منعم ظفر جي دور نظامت ۾ جماعت اسلامي تي ڪرپشن جا الزام شروع ٿيا. ميئر ڪراچي جماعت اسلامي جي ٽائون چيئرمينن جي نااهلي کي وائيکو ڪري ڇڏيو آهي ترجمان سنڌ حڪومت چيو ته ماضي ۾ ايمانداري جو ڍونگ رچائيندڙ جماعت هاڻي پاڻ ڪنهڙي ۾ آهي، سنڌ حڪومت ۽ بلديه عظميٰ جي ڪمن سبب جماعت اسلامي وائڙائپ جو شڪار آهي. ليا ري سميت ڪراچي جي سڀني علائقن ۾ پيپلز پارٽي جي ڪارڪردگي واضح آهي سعديه جاويد چيو ته ڪوڙا الزام لڳائي سياسي قد وڌائڻ جون ڪوششون هاڻي ڪامياب نه ٿينديون. منعم ظفر پنهنجي نااهلي لڪائڻ لاءِ پيپلز پارٽي تي آڱريون کڻي رهيو آهي، جماعت اسلامي کي جيڪڏهن عوام جي فڪر آهي ته گمراهه ڪندڙ بيانن جو سلسلو بند ڪري، جيالا ميئر ڪراچي جي خدمت جاري رکندو ۽ نام نهاد ايمانداري جو چورن بند ٿيندو

بقايا	***	28

ليبس ٿيڻ جي خطري تي ڳڻتي ظاهر ڪندي سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار شاهه کان فوري نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪئي آهي ايسوسيئيشن جي صدر انيس الرحمان جلباڻي، جنرل سيڪريٽري حق نواز نوناري ۽ ٻين اڳواڻن گڏيل بيان ۾ چيو ته پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن لاءِ بجيٽ جو اجرا هڪ اهم قدم آهي، جنهن جو مقصد اسڪولن جي مرمت، بحالي فرنيچر ۽ بنيادي سهولتن کي بهتر بڻائڻ b آهي هنن چيو ته اڳ بجيٽ ايجوڪيشن ورڪس ڊپارٽمينٽ ذريعي خرچ ٿيندي هئي، جنهن سبب شد ماسترن ۽ پرنسپلز جي نگراني ۾ خرچ ٿيڻ سان ڪارڪردگي بهتر ٿيندي بيان موجب ڊي ڊي اوز پاران لاجڪل سيپ ايڪسس فارم جمع ڪرائڻ باوجود اڃا تائين يوزر آئي ڊيز جاري نه ڪيون ويون آهن. جڏهن ته اختيارين جو چوڻ آهي ته سسٽم ۾ گنجائش محدود آهي ۽ اهو [illegible]

بقايا عوامي سوچ 01

ڪان ٿيندي ميرپورخاص پريس ڪلب اڳيان پهچي ڌرڻي جي صورت اختيار ڪري وئي، ان موقعي تي اڳواڻن نظير پنهور، شوڪت پنهور ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته نجي ميڊيڪل ڪاليج جي شاگرديائي ڊاڪٽر فهميده لغاري، هالا شهر جي شمائلہ ۽ ضلعي خيرپور جي نوجوان ڇوڪري خالد چانديو سان ٿيل ظلم انسانيت جي توهين آهي، هنن مطالبو ڪيو ته اهڙن سنگين واقعن ۾ ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري ڪين سخت ڪان سخت سزا ڏني وڃي، ڌرتي ۾ وڏي انگ ۾ صحافين، سول سوسائٽي جي اڳواڻن، شهرين ۽ مقتولا جي وارثن شرڪت ڪئي، جيڪي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي ڪندا رهيا ۽ حڪومت ڪان مطالبو ڪيو ته بيگناهه نياڻين جي خون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ مؤثر قدم کنيا وڃن، احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڪين جلد انصاف فراهم نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 02

ننگرپارڪر لڳ ڏانو دانڌل جي گرين پارڪ اسٽيڊيم ۾ ٻن ڏينهن تي مشتمل 12 ٽيمن وچ ۾ شاندار ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو. ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي پهرين ڏينهن تي مجموعي طور 6 ٽيمن حصو ورتو، هر ميچ 6 اوورن تي ڪيڏي وئي، بهترين راند جو مظاهرو ڪندي العباس ۽ لڪي اسٽار ٽيم سيمي فائنل ۾ پهچي ويون. رانديگرن پنهنجي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندي ناظرين کي دلچسپ مقابلا ڏنا، جنهن سبب اسٽيڊيم ۾ موجود ماڻهن کي تفريح سان گڏو گڏ اعليٰ معيار جي ڪرڪيٽ ڏسڻ جو موقعو پڻ مليو ايونٽ جي ٻئي ڏينهن فائنل مقابلا ڪيڏيا ويندا، جن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ ٽيم کي ٽرافي سان گڏ روڪ انعام پڻ ڏنو ويندو، انتظاميہ موجب فائنل ميچ ڏسڻ لاءِ وڏي انگ ۾ شائقين جي اچڻ جي اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي، مقامي ماڻهن ۽ ڪرڪيٽ جي شوقينن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندي ايونٽ کي ساراهيو ۽ چيو ته اهڙيون سرگرميون علائقي لاءِ انتهائي اهم آهن. چو ته اهي نه صرف نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪن ٿيون پر سندن صلاحيتن کي پڻ اجاگر ڪن ٿيون، علائقي واسين اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ آف سنڌ جي ڪوشش کي واکاڻيندي چيو ته ڏانو دانڌل جهڙي علائقي ۾ اهڙو شاندار اسپورٽس ايونٽ ڪرائڻ قابل تحسين قدم آهي، سندن چوڻ هو ته اهڙن پروگرامز جي تسلسل سان نوجوانن کي صحتمند ۽ مثبت ماحول ملي سگهي ٿو جيڪو سماج جي بهتري لاءِ انتهائي ضروري آهي.

بقايا عوامي سوچ 03

د خاصخيلي ان موقعي تي سيد ممتاز علي شاهه چيو ته هن وقت ايم اين اي پيپلزپارٽي مخدوم جميل الزمان جا ڪيترن هي ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن مخدوم جميل الزمان متياري ضلعي ۾ روڊن جا جار وڇائي ڇڏيا آهن اٿون عوامي پريس ڪلب اڏيرولال اسٽيشن جي صحافين جو شڪر گذار آهيان جنهن مخدوم جميل الزمان ميڊيا ذريعي ڪوريج ڏني اهڙن خيالن جو اظهار عوامي پريس ڪلب اڏيرولال اسٽيشن ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو

بقايا عوامي سوچ 04

ڪالهہ بيهر حملو ڪيو ويو ۽ گارگند ڪري ڏمڪيون ڏنيون ويون. ڳوٺاڻن سومار ميگهواڙ، مينڊرو ميگهواڙ ۽ ٻين الزام هنيو ته لنڊ برادري جي بابو لنڊ، يعقوب لنڊ، خالق لنڊ، ۽ عمراڻي برادري جا ماڻهو گهرائي بيهر گهرن کي پناهه طور چڏيل ديوين کي وڏڻ جو ڪوشش ڪئي وئي. هوڏانهن لنڊ برادري پوليس کي گهرائي حملي سان گڏ انتظامي طور تي پڻ هيسايو پيو وڃي. هنن الزام هنيو ته لنڊ برادري جا ڪجهه ماڻهو جهيڙو ڪرائڻ چاهين ٿا ۽ اسين لاڳيتو تحفظ جو مطالبو ڪري رهيا آهيون پر ڪوبہ ٻڌڻ وارو ڪونهي.

بقايا عوامي سوچ 05

غيرقانوني گهٽڪي جي فيڪٽري تي ڇاپو هنيو پوليس ڪارروائي دوران فيڪٽري مان وڏي مقدار ۾ تيار ٿيل گهٽڪو، ڪچو مال ۽ پيڪنگ ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف سامان برآمد ڪيو ويو. جڏهن ته پوليس سمورو سامان پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. ذريعن موجب فيڪٽري ڪافي عرصي ڪان ڳجهي نموني هلائي پئي وئي، جتي وڏي پيماني تي گهٽڪو تيار ڪري مختلف علائقن ڏانهن سپلائي ڪيو ويندو هو.پوليس جو چوڻ آهي ته ڇاپي دوران ڪجهہ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جن جي ڳولا لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ ملوث ماڻهن خلاف منشيات ايڪٽ تحت سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ايس ايس پي سڄاول عليند راجپر چيو آهي ته ضلعي ۾ منشيات جي واپار خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي اختيار ڪئي وئي آهي ۽ اهڙين غيرقانوني سرگرمين ۾ ملوث ماڻهن کي ڪنهن بہ صورت ۾ بخشيو نہ ويندو

بقايا عوامي سوچ 06

انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جي صدارت جامع مسجد جنگشاهي جي خطيب حضرت علامہ مولانا الحاج فضل الله حسيني نقشبندي ڪئي، جڏهن ته مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ خصوصي قرآن خوانيءَ جو اهتمام پڻ ڪيو ويو ان موقعي تي مفتي صاحب جي فرزند مولانا فيض الرحمان رحماني سميت، مولانا محمد يامين جماري، سيد منظور حسين شاهہ، مولانا افضل ڪريم خليفو، حافظ علي حسن حسيني، مولانا محمد صادق نقشبندي ۽ ٻين عالمن استاذ العلماءِ حضرت مفتي عبدالرحمان نتوي رحمت الله عليہ جي علمي، ديني ۽ روحاني خدمتن تي تفصيلي روشني وڌي مقررن سندن بي مثال خدمتن کي پيتا پيش ڪندي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو محفل دوران ذڪر رسول ﷺ ۽ نعت خواني پڻ پيش ڪئي وئي، جنهن سان محفل جو روحاني ماحول وڌيڪ معطر بڻجي ويو تقريب جي اختتام تي ملڪ جي سلامتي، استحڪام ۽ مرحوم جي درجات جي بلندي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي. جنهن بعد شرڪت ڪندڙن ۾ لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 07

ولد محمد ايوب، عدنان جوکيو ولد ولي محمد، آفتاب ولد اسلم جوکيو، ظهير احمد ولد حاجي ڪرم علي جوکيو ۽ ناهيد ولد غلام مصطفيٰ جوکيو شامل آهن. متاثر مريضن مان ڪجهہ رورل هيلٿ سينٽر جنگشاهي ۽ ڪجهہ سول اسپتال مڪلي ۾ علاج هيٺ آهن. ڳوٺاڻن منور علي جوکيو، ذوالفقار جوکيو، شاهنواز جوکيو ۽ ٻين صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته سندن ڳوٺ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ نه ڪا ويڪسين ڪئي وئي آهي ۽ نه ئي مچر مار اسپري ڪيو ويو آهي. جنهن سبب ڊينگي تيزي سان ڦهلجي رهيو آهي. هنن الزام لڳايو تہ لاڳاپيل ادارا مڪمل غفلت جو مظاهرو ڪري رهيا آهن. جڏهن ته معصوم ٻار بہ هن بيماري سبب تڪليف ۾ آهن. ڳوٺاڻن حڪومت ۽ صحت کاتي کان پرزور اپيل ڪئي آهي تہ فوري طور نوٽيس وٺي هنگامي بنيادن تي مچر مار اسپري مهم هلائي وڃي ۽ متاثر ماڻهن کي بهتر علاج جون سهولتون فراهم ڪري سندن زندگيون بچايون وڃن.

بقايا عوامي سوچ 08

تي جلسو منعقد ڪيو. ان موقعي تي جلسي کي خطاب ڪندي سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ عظمت ڪلوئي، عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري، لال جروار، نور احمد ڪاتيار، ڏاڏا عبدالقادر راڻنو، اوپايو جوٽيجو، امير بخش جروار، پروانو ڪپري، حاجي علي دلواڻي، عظمت ڪلوئي، زبيده ڪلوئي، مختيار خاصخيلي، اياز ڪوسو، بخشو خان ڪلوئي، متارو خان ڪلوئي، ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته ڪرم ڪلوئي پنهنجي پوري حياتي پنهنجي قوم ۽ پورهيت طبقي جي حقن لاءِ جدوجهد ۾ گذاري سنڌ جي قومي وسيلن لاءِ جدوجهد ۾ هن پنهنجي گهر سميت شاندار ڪردار ادا ڪيو. سندس جسماني وڇوڙو سنڌ جي قومي عوامي جمهوري جدوجهد ۾ وڏو خال پيدا ڪري ويو آهي. هنن وڌيڪ چيو تہ سنڌ کي هن وقت هلندڙ جدوجهد ۾ ڪرم ڪلوئي جهڙن سچن ۽ بهادر ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي سخت ضرورت آهي. اسين اڄ پنهنجي قومي سورمن کي سلام پيش ڪريون ٿا ۽ سندن جدوجهد کي ياد ڪري اڳتي وڌون ٿا، عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر وسند ٿري خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ جي صورتحال ڏاڍي خطرناڪ آهي پ پ پ سرڪار سنڌ کي مقتل گاهہ بڻائي ڇڏيو آهي، ميرپورخاص ڊاڪٽر فهميده جو واقعو هجي يا خالده چانديو جو واقعو سنڌ ۾ نياڻين جي قتلام ڪندڙن کي پيپلزپارٽي جي حڪومت جي سپورٽ آهي، اڳي اهڙا واقعا ٿيندا هئا تہ عدالتون سوموٽو وٺنديون هيون، هاڻي 26هين 27هين آئيني ترميم

جي ذريعي ڪورٽن کي پاهج ڪيو ويو آهي غلام ڪيو ويو آهي جج ڪو بہ فيصلو نٿا ڪري سگهن، ان سڄي صورتحال تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اسان وٽ ڪا واهہ ناهي سواءِ پرامن جدوجهد جي سواهڙا پروگرام ڪري عوام ۾ سجاڳي آڻجي.

بقايا عوامي سوچ 09

يڊنگ اسڪلس ڊولپمينٽ (ابتدائي درجن جي پڙهڻ جي صلاحيتن) کي بهتر بڻائڻ لاءِ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ تعلقہ بلڙي شاهہ ڪريم جي نامزد استادن ڀرپور شرڪت ڪئي ٽريننگ World Bankجي تعاون سان SELECTپروگرام هيٺ منعقد ڪئي وئي، جڏهن تہ ان جو اهتمام مينيجمينٽ اينڊ ڊولپمينٽ سينٽر (MDC) طرفان ڪيو ويو ۽ سپورٽ ريفارم سپورٽ يونٽ (RSU)، اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ پاران مهيا ڪئي وئي ٽريننگ جي ڪامياب اختتام تي سرٽيفڪيٽن جي ورهاست پڻ ڪئي وئي ان موقعي تي ٽي اي او بلڙي شاهہ ڪريم سائين محمد علي سومرو سائين عمر دراز (AEO)سائين شاهنواز ميمڻ سائين محبوب ٿهيم، سائين عبداللطيف زئور شرڪت ڪئي ۽ استادن جي ڪوشش کي ساراهيو مقرر ڪندڙن چيو تہ اهڙيون ٽريننگون استادن جي صلاحيتن کي وڌائڻ سان گڏ تعليمي معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون

بقايا عوامي سوچ 10

گهر ڪري چڏي آهي، ان سلسلي ۾ نٿي ج. نيڪيدار محمد امين بروهي ۽ ٻين ڏانهيندي چيو آهي تہ ايگزيڪيوٽو انجنيئر (XEN)عدنان داڻود پراونشل بلڊنگس ڊويزن جي آفيس کي نتو مان حيدرآباد GOR (ڪالوني) منتقل ڪري نيڪيدارن ۽ شهرين سان وڏي ناانصافي ڪئي ويئي آهي، نيڪيدار محمد امين بروهي چيو تہ نٽي واري آفيس بند ٿيڻ سبب نيڪيدارن ۽ عام ماڻهن کي پنهنجن ڪمن لاءِ حيدرآباد وڃڻو پوي ٿو جنهن ڪري وقت ۽ پئسن جو وڏو نقصان ٿي رهيو آهي. نٽي جي نيڪيدار محمد امين بروهي هن عمل کي غيرقانوني قرار ڏيندي چيو تہ هي فيصلو عوامي مفاد جي خلاف آهي. هن حڪومت سنڌ جي ورڪس اينڊ سروسز کاتي کان مطالبو ڪيو تہ فوري طور تي آفيس کي بيهر نٽو ۾ بحال ڪري نيڪيدارن ۽ شهرين کي پريشاني کان بچايو وڃي. مقامي ماڻهن توڙي نيڪيدار خبردار ڪيو آهي تہ جيڪڏهن مسئلو حل نہ ٿيو تہ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا عوامي سوچ 11

ن گذاريو ميرپورخاص /ڏگهڙي... صوبائي وزير براءِ سماجي ڀلائي سنڌ مير طارق خان ٽالپور اڄ ٽالپور هائوس ڏگهڙي ۾ عوامي ۽ سياسي مصروفيتن جو ڀرپور سلسلو جاري رکيو. ان موقعي تي صوبائي وزير مير طارق خان جهڏو جي پتافي برادري، نوڪوٽ جي مالهي ۽ راجپوت برادري وچ ۾ تڪرار جي حل سميت تڪ جي مختلف علائقن مان آيل وفدن، معززين علائقي، پارٽي ڪارڪنن ۽ شهرين سان ملاقاتون ڪيون ۽ پنهنجا مسئلا پيش ڪيا.مير طارق خان ٽالپور شهرين جا مسئلا غور سان ٻڌا ۽ لاڳاپيل عملدارن کي فوري حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون تہ عوامي مسئلا ترت حل ڪري عوامي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. مير طارق خان ٽالپور وڌيڪ چيو تہ عوام جي خدمت سندن پهرين ترجيح آهي ۽ هو هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن تہ ماڻهن کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪيون وڃن. ان موقعي تي سماجي ڀلائي جي جاري منصوبن ۽ فلاحي قدمن بابت بہ تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. صوبائي وزير ان عزم جو اظهار ڪيو تہ هو علائقي جي ترقي ۽ عوام جي خوشحالي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندا. ٽالپور هائوس ۾ ڏينهن ڀر جاري رهندڙ ملاقاتن دوران عوام صوبائي وزير جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ مٿن مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو

بقايا عوامي سوچ 12

لاءِ ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ريلي شاهي بازار کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي جنهن ۾ ڪارڪنن صحافين سياسي سماجي ماڻهن ۽ شهرين هٿن ۾ بئنر ڪڻي انصاف لاءِ احتجاج ڪيو هن موقعي اڳواڻن حنيف ملاح عمرخاصخيلي مهتاب شاهہ عباس ملاح علي رضا سهتو اسلم شاهہ اصغر راهي سينيئر صحافي امتياز ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ ۾ ڪاروڪاري جون تهمتون مڙهي بيگناهہ عورتن کي

قتل ڪرڻ جا واقعا وڌي ويا آهن هن چيو تہ تازوئي خالده چانديو شماعلا چانديو جا واقعا ٿيا آهن جڏهن تہ ميرپورخاص جي شاگرديائي فهميده لغاري کي بلاجواز تنگ ڪري خود ڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو هنن چيو تہ هاڻي جديد دور آهي عورتن کي بہ پنهنجا حق ملڻ گهرجن ۽ اهڙي غلط رسمن جو خاتمو ٿيڻ گهرجي ۽ تعليمي درسگاهن ۾ ويٺل وحشي صفت عملدارن کي هٽائي بهتر سنو ماحول پيدا ڪيو وڃي جيئن نياڻيون بنان ڪنهن خوف جي پنهنجي تعليم مڪمل ڪري سگهن

بقايا عوامي سوچ 13

. سنڌ ۾ وڏنڊ بدامني، ڪاريءَ جي رسم تحت نياڻين جي قتل ۽ خاص ڪري ٽنڊو مستي جي رهواسڻ خالده چانديو ۽ هالا جي رهواسڻ شمائلا جي قتل خلاف جي ڊبليو سي جي سڏ تي غلام حسين خواجہ، اقبال جاڪروحسن مرزا، الطاف شاهہ شيرازي، ناٿو بروهي، راجو قريشي، پورو سرڪي، خير محمد بروهي، اسماعيل ميمڻ، سارنگ چانديو، منصور جلالاڻي، نظير جاڪرو، رحمت الله چتو، رشيد جاڪرو، عزيز لاشاري، آصف جوکيو، عبدالله چانديو، اي بي شورو، منظور پالاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب نتو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري زوردار نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ سنڌ ۾ گذريل ڪجهہ عرصي کان "ڪاري" قرار ڏئي بيگناهہ عورتن کي قتل ڪرڻ جا واقعا هڪ ڀيرو ٻيهر وڌي ويا آهن، جيڪو انتهائي افسوسناڪ عمل آهي. خالده چانديو ۽ شمائلا جا بيگناهہ خون سنڌ جي شعور ۽ انتظاميہ کان انصاف جو سوال ڪري رهيا آهن. پر حڪومت ۽ پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهن. قاتلن کي قانون جي گرفت ۾ آڻڻ بدران بااثر ماڻهن جي پنيرائي سبب نياڻين کي نشانو بڻايو پيو وڃي. هنن چيو تہ سنڌ حڪومت ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو تہ خالده چانديو ۽ شمائلا جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي. سنڌ ۾ ڪاري جي رسم کي پاڙان پٽڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ۽ عورتن جي تحفظ لاءِ قانون تي سختي سان عملدرآمد ڪرايو وڃي. اڳواڻن چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن سنڌ جي نياڻين کي انصاف نہ مليو تہ احتجاجي تحريڪ جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 14

سان هڪ روز جينڊر بيسڪ تشدد G.B.Vجي روڪٿام لاءِ دادو ضلعي جي اداڪارن شاعرن ۽ گلوڪارن ٽريننگ سيشن ڪيو ويو جنهن ۾ ماسٽر ٽرينر جاويد اقبال. ميڊيم فرح ڪوسو۽راشد علي پنهنجي تجربي مطابق معلومات ڏني جنهن ۾ پيدائش کان وٺي عورتن ٻارڙن جي مٿان اڻ برابري سان گڏ مختلف طريقن سان نظر انداز ڪرڻ تي ٻارڙن ۽ نوجوانن سان گڏ عورتن جي ذهني نشونما تي اثر انداز ٿين ٿا انهن وڌيڪ ٻڌايو تہ عورتن کي پنهنجي حفاظت لاءِ پاڻ کي اڳتي اچڻو پوندو ۽ عورتن سان گڏ ٻارڙن کي معاشري ۾ ٿيندڙ زيادتين خلاف پاڻ کي مضبوط ٿيڻو پوندو ٽريننگ ۾ تابش بخاري، خليل عارف سومرو، زاهد صديقي، حامد لاشاري، نور ڪنير، لالا فيروز ڪنير ،حميد گوپانگ، صنم ماروي، مهڪ علي، عزر علي، فهميده،عاشق دادوي، سجاد سومرو، راهي روشن پنهور، روشن جان ميمڻ سميت مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن حصو ورتو آخر ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا سيشن جي پڄاڻي تي پتائي فنڪار اتحاد دادو جي مرڪزي چئيرمين لالا فيروز ڪنير، سينئر اداڪارءِ هدايتڪار حامد لاشاري پاران مهمانن کي اجرڪ جا تحفا ڏنا ۽ ٿورا مڃيا

بقايا عوامي سوچ 15

نتو جي علائقي بخاري پاڙي ۾ خطرناڪ صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، جتي نجي چينل نيوز جي ڪئمرامين يوسف ميراڻي کي بااثر منشيات فروشن طرفان موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. تفصيل موجب، جوابدارن جي هڪ وڏي ٽولي مڪلي ۾ يوسف ميراڻي جي رهائشگاهہ تي چڙهائي ڪندي سندس پائٽي عامر ولد ممتاز ميراڻي تي حملو ڪري ڪيس سخت زخمي ڪري ڇڏيو. ذريعن مطابق، حملي ۾ 20 کان وڌيڪ هٿياربند ماڻهو شامل هئا، جن ۾ آڪرا فروش پنهل منجري، وحيد منجري، وقار منجري، سمير منجري، نومان منجري ۽ فيوم منجري سميت ٻيا شامل هئا. جوابدارن هٿيارن جي زور تي گهر ۾ گهڙي بيگناهہ نوجوان کي تشدد جو نشانو بڻايو، جنهن سبب هو رتورت تي

پيو واقعي کانپوءِ متاثر ڌر مڪلي ٿاڻي تي جوابدارن خلاف رپورٽ درج ڪرائي چڏي آهي، جڏهن تہ جوابدارن طرفان مسلسل وڌيڪ نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن، جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي. يوسف ميراڻي ۽ سندس وارثن اعليٰ اختيارين، خاص ڪري ايس ايس پي نتو کان مطالبو ڪيو آهي تہ فوري طور تي جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سندن جاني ۽ مالي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي. عوامي حلقن پڻ هن واقعي تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ اهڙا واقعا قانون جي عملداري تي سوال آهن. ۽ فوري قدم نہ کنيا ويا تہ حالتون وڌيڪ خراب ٿي سگهن ٿيون

بقايا عوامي سوچ 16

سي پاران احتجاجي مظاهرو ڪديو ويو. ڪارو ڪاري جي آڙ وٺي اڄ جي وڏيرڪي نظام لکين نياڻين جو قتل عام ڪيو آهي جنهن جي مذمت ڪيون ٿا، ڪارو ڪاري جهڙي ڪُڌي رسم خلاف ڪو مضبوط قانون جوڙيو وڃي/ اڳواڻ. سنڌ جي مختلف علائقن ۾ قتل ڪيل خالد چانديو، شمائلا چانديو ۽ فهميد لغاري جي خون سان انصاف ڪرڻ لاءِ جي ڊبليو سي جي سڏ تي مختلف تنظيمن ۽ صحافين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڊي سي چوڪ لڳ ڌرڻو هنيو ويو. ان موقعي تي جي ڊبليو سي جي اڳواڻن زين سرڪي، محمد هاشم بروهي، عبدالغني ڪوسو، ايس ٽي پي جي عبدالمجيد سرڪي، خادم سرڪي، ميڊم قمر بانو عام انسان تحريڪ جي سيد علي شاهہ ۽ ٻين چيو تہ ڪارو ڪاري رسم انسانيت جي خلاف آهي اڄ جو شعور هر نياڻي کي حق ڏيئي ٿو تہ هو پنهنجا فيصلا پاڻ ڪري جيڪڏهن نياڻين کي مرضي موجب رشتا ڏنا وڃن تہ اهي رسمون پاڻ دم توڙي وينديون هنن چيو تہ علمي درسگاهن اندر شاگرديائين کي حراسان ڪري انهن کي بليڪ ميل ڪيو ويندو آهي جنهن سبب اهي نياڻيون کو انتهائي قدم کڻي پنهنجي زندگي جو ڏيئو اُجهائڻ تي مجبور ٿينديون آهن هنن چيو تہ ڪاروڪاري رسم انسانيت کي لڄائيندڙ رسم آهي هنن اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو تہ خالد چانديو، شميلا چانديو، فهميد ليغاري جي قاتلن کي في الفور گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏني وڃي جڏهن تہ ڪارو ڪاري رسم خلاف ڪو موثر قانون جوڙيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 17

قائد سنڌ علامہ راشد محمود سومرو ۽ امير سنڌ مولانا عبدالقيوم هاليجوي 20 اپريل تي جيڪب آباد جو اهم دورو ڪندا، جنهن لاءِ تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن اڳواڻن جو 3 وڳي راجا پيٽرول پمپ جيڪب آباد وٽ شاندار استقبال ڪيو ويندو. ان ڪان پوءِ شهيد الله بخش پارڪ سبحاني ڪيمپ ڪالوني جيڪب آباد پريس ڪلب تائين اسرائيل مرده باد ريلي ڪڍي ويندي. جڏهن تہ شام 4 وڳي پريس ڪلب جيڪب آباد ۾ اهم پريس ڪانفرنس ڪئي ويندي. جنهن ۾ امن عالم اجتماع ۽ علائقي ملڪي سنڌ جي سياسي، سماجي، فلسطين جي مسئلي ۽ ٻين اهم معاملن تي جماعت جو موقف پيش ڪيو ويندو. پريس ڪانفرنس ۾ سنڌ جي اڳواڻن مولانا محمد صالح انڍڙ، مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو ۽ ٻيا پڻ هوندا. جي يو آءِ جي ضلعي جنرل سيڪريٽري مولانا سليم الله بروهي چيو تہ ان ڏينهن صبح جو مقامي شادي هال ۾ ٿل ۽ ضلعي سموري قيادت شرڪت ڪندي. ڊاڪٽر اي جي انصاري جي صدارت ۾ تنظيمي اجلاس ۾ صوبائي اڳواڻ خطاب ڪندا. تعلقي پريس سيڪريٽري مولانا عبدالحليم ابڙو چيو تہ پيرپور شرڪت ڪري بيداري جو ثبوت ڏين.

بقايا عوامي سوچ 18

۾ شاهہ سائين جي شعر سان منعقد ٿي. جنهن جي صدارت ناليواري شاعر تابش بخاري ڪئي. جڏهن تہ ڪارروائي سيڪريٽري سجاد يوسف سومرو هلائي. شاعرن خوبصورت شاعري پيش ڪئي. ڪهاڻيڪار پنهنجي نيون تخليقون پڙهي ٻڌايون. جن کي سامعين ڀرپور داد ڏنو. عامر قادر سنڌي، استاد بخاري جي گوپيت جهونگاري محفل کي رونق بخشي. سائين اميد سنڌي جي 63هين سالگرهہ جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو. سائين اميد سنڌي کي ڀرپور مبارڪون پيش ڪيون. ڪيس گلن جا هار پارايا ويا. گڏجاڻي دوران سيڪريٽري سجاد يوسف سومرو جي پوري سال جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ۽ سندس ادبي خدمتن، سرگرمين جي تسلسل ۽ سنگت کي سرگرم رکڻ ۾ ڪردار کي واکاڻيو. اميد سنڌي، غلام رسول سومرو، مقصود احمد چانديو، آسي بدرچند ۽ ٻين چيو تہ سندس ايمانداري دوران شاخ ۾ ادبي سرگرمين کي نئين زندگي ملي آهي. صدر تابش بخاري پنهنجي صدارتي خطاب ۾ چيو تہ سنڌي ادبي سنگت سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌ ويجهہ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. نوجوان سيڪريٽري پنهنجي وت کان وڌيڪ ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. دادو شاخ هن وقت سنڌ جي متحرڪ شاخن منجهان هڪ آهي اهو هن نوجوان جي ڪم جو نتيجو آهي اسان کي نوجوانن کي ادب ڏانهن راغب ڪرڻ گهرجي جيڪا وقت جي اهم ضرورت آهي. آخر ۾ سيڪريٽري سجاد يوسف سومرو سڀني سائين جو شڪريو ادا ڪندي چيو تہ هن پنهنجي مدي دوران ادبي سرگرمين کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اميد ظاهر ڪئي تہ ايندڙ باڊي ۾ هن روايت کي جاري رکندي. تقريب ۾ صوفي غلام مصطفيٰ، گل حسيني ابڙو، ابل داس ڀيل، نور ڪنير، آسي بدرچند، نظير نياز جويو، نثار گوهر سومرو، علي گوهر سومرو، زاهد منگي، راجا رحيم، رجب آزاد، عمران سومرو، محمد عرس سومرو، امجد قنبراڻي، غلام رسول سومرو، اياز سيفي، فياض سيفي ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 19

بازي ڪئي وئي. ريلوي هيڊڪوارٽر لاهور پاران آمريڪا اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ هلندڙ جنگ سبب تيل خسارو ڄاڻائي اير ايل تو لاڙڪاڻو دادو سيڪشن تي هلندڙ 3 ٽرينون موئن جو دڙو بولان ميل ۽ خوشحال خٽڪ بند ڪرڻ خلاف سيڪشن ٽرين ايڪشن فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ دادو ريلوي اسٽيشن تي علامتي بک هڙتال ڪئي وئي، جنهن ۾ اعجاز علي ملڪاڻي، محمد صالح عباسي، عبدالحميد ميمڻ، سڪندر ڪوڪر، منصور جويو، حسين جمالي، مهدي چنا سميت شهرين ڀرپور شرڪت ڪري زوردار نعريبازي ڪئي، فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ چيو تہ پنجاب جي سمورن سيڪشنن تي ٽرينون هلي رهيون آهن تہ ٻيو اير ايل تو سنڌ ۾ هلندڙ ٽرينون بند ڪرڻ تعصب پرستي جي ظاهر ڪري ٿو پنجاب ۾ هلندڙ ٽرينن ۽ ريلوي هيڊڪوارٽر لاهور وٽ تيل آهي. باقي اير ايل تو سنڌ لاڙڪاڻو دادو سيڪشن تي هلندڙ ٽرينن لاءِ تيل نہ آهي، فورم سنڌ مخالف عمل جي مذمت ڪيون ٿا. هنن چيو تہ اير ايل تو سنڌ لاڙڪاڻو دادو سيڪشن تي تيل خسارو ڄاڻائيندي بند ڪيل ٽرينون موئن جو دڙو، بولان ميل ۽ خوشحال خٽڪ بنا دير بحال ڪيون وڃن، احتجاج کي 3 سال 2 مهينا 28 ڏهاڙا گذري چڪا آهن، ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

بقايا عوامي سوچ 20

سڏ تي نيو چونڪ کان مارچ ڪري دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو. احتجاجي مارچ ۽ ڌرڻي ۾ يونين جي اڳواڻن، استادن، شاگردن، سياسي، سماجي، ادبي، ڪرپٽ ... سميت مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن جي شرڪت ڪئي، جتي اڳواڻن ولي چانديو، نظام شيخ، پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو، راجا رفيق پنهور، اڪبر ڪلهوڙو، گلڻ پنڊ، علي گل چنا، ... بخش خشڪ ۽ ٻين چيو تہ پوري مقامي انتظاميہ ... وڏي آهي، قانون جي پاسداري تي ... سبب روزانو عورتون قتل ٿي رهيون آهن تعليمي ادارا ۽ بہ محفوظ ناهن ... سرڪاري ادارا ... آهن. هنن چيو تہ ميهڙ تعلقي جي ... ڪيو ويو اصل قاتل قانون کان آجا آهن. پوليس ٻاهرن جي دٻاءَ ۾ ... نوجوان علي رضا سولنگي مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي پوليس اصل قاتلن کي گرفتار ڪري پيش ڪري، ٽنڊو مستي ۾ خالده چانديو کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو. هالا جي مظلوم نياڻي شاگردياڻي فهميده لغاري جو بہ گناهہ خون ڪيو ويو، هنن چيو تہ ميهڙ پوليس ... جي گرفتاري سبب 6 سالا معصوم اجالا سولنگي کي انصاف ملي سگهي آهي. اڳواڻن مطالبو ڪيو تہ قاتلن کي سخت سزائون ڏنيون وڃن ۽ عورتن لاءِ جوڙيل قانون تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي. اجالا سولنگي ڪيس جو جلد فيصلو ڪرايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 21

ميزبان ڊاڪٽر بشير احمد شاد شرڪت ڪئي. ان موقعي تي جواد جعفري خطاب ڪندي چيو تہ سڄل ادبي مرڪز جون ادبي خدمتون 1982 کان مسلسل جاري آهن. اجوڪي مشاعري ۾ نوجوان شاعرن جي شاعري ٻڌي سنڌي شاعري جي ايندڙ ۽ ايمان پختو ٿيو آهي سنڌ شاعر ۽ شاعر پنهنجي دور جي منظوم تاريخ لکندا آهن اجوڪي شاندار مشاعري ۾ بيحد خوبصورت تخليقون پيش ٿيون آهن جن ۾ ڌرتي ۽ درد ڏانهون ٻه موجود هيون. احسان دانش چيو شاعر پنهنجي لفظن سان سماجي مسئلن جي عڪاسي ۽ ڪري ٿو ۽ اڄ هتي اهڙا عڪاسي تمام سهڻا شعر پڙهيا. اخترپيا چيو تہ اڄ وارو مشاعرو ڏسي مونکي ماضي جا شاندار مشاعرا ياد اچي ويا جن ۾ گرمجوشي هوندي هئي ... ڊاڪٽر بشير احمد شاد چيو تہ شاعر قومن کي روشنين جا ڏيک ڏسيندا آهن شاعري ۾ درد بہ آهي. خوشي بہ آهي تہ مزاحمت پڻ مشاعري ۾ شاعرن ممتاز لوهار، احمد علي صابر چانڊيو، مخمور رضا، ضمير حسين سمون، شهمير سومرو، نويد ناز پتي، سرفراز سخي، حيدر قبولائي، زاهد جوکيو، انجم ڪوڪر، منصور حمزه، ارشد اميد، عزيز نواز علي، استاد گل دلبر قربان ابڙو، علامه الماس عباسي، الطاف ثاقب، سميع سڄل جونيجو، ابو ايليا، صولت گاد، ڪرم حسين ڪرم وگڻ، حبدار ٽوٽاڻي، فقير محمد سنڌي، علي روشن شيخ، ناظر چانڊيو، اظهر مجيد، شوڪت شيخ، شهزاد شيخ، وفا اسلم، ايان گل ۽ ٻين پنهنجي شاعري پڙهي بهترين داد حاصل ڪئي مشاعري جي ڪارگزاري ناميارو شاعر رضوان گل هلائي.

بقايا عوامي سوچ 22

تي تقريب ڪوئٽي سندس جنم ڏينهن جو ڪيڪ ڪاٽي ڪيس گلن جا هار ڏنا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن سيد ابرار علي بي سهيل انور سيال، پيپلز پارٽي تعلقي باڪرائي جي صدر طارق انور سيال ۽ ٽائون چيئرمين ڏڪي لاڙڪاڻو شاهہ رخ انور سيال هميشه پارٽي جي منشور تي هلندي غريب، مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن جي خدمت ۽ مدد ڪئي آهي، جيڪا ڳالهہ ڪنهن کان لڪيل نہ آهي، سيال ڀائرن جو ڪردار رهبر آهي، ترقي ۽ امن قيادت جي هدايتن تي سنڌ حڪومت جي تعاون سان شهر سميت آس پاس جي علائقن ۾ ريڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرائڻ سان گڏ عوام کي بنيادي سهولتون سندن درن تي مهيا ڪيون آهن. تقريب ۾ پ پ اڳواڻ غلام رسول لغاري، علي مراد ابڙو، صابر جيسر، محمد هارون هليو، محمد نواز، محمد قاسم سرهيو، زوهيب سومرو سميت پارٽي ورڪرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 23

جو ڪم ڪندي اڄاڻڪ بجلي جو ڪرنٽ لڳي وين زخمي نوجوان کي مڪلي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي نوجوان تنوير جمالي جامشورو واسي هو جيڪو غلام ۽ ٽريڪٽرن جي مرمت جو ڪم ڪندو هو.

بقايا عوامي سوچ 24

ڪنڊڙ پاڪ فوج جي جوان شهيد آفتاب علي پنهور جي نماز جنازه ادا ڪئي وئي، نماز جنازه ۾ پاڪ فوج جي آفيسرن، مقامي انتظاميہ، سياسي ۽ سماجي شخصيتن سميت شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي فضا "پاڪستان زند باد"، ۽ "پاڪ فوج زند باد" جي نعرن سان گونجي اٿي، پاڪ فوج جي چاق ۽ چوبند دستي پاران شهيد کي سلامي پيش ڪئي وئي ۽ پڻ جڏهن تہ سندس مزار تي گلن جون چادرون پڻ چاڙهيون ويون. علائقي واسين ۽ معززين شهيد کي خراج پيش ڪندي مٿس گل نڇاور ڪيا. ان موقعي تي وارثن ۽ ڳوٺ ماڻهن چيو تہ اسان کي شهيد قوم جو فخر ۽ سرمايو حيات هوندا آهن. جيڪي پنهنجون جانيون قربان ڪري ملڪ ۽ قوم جي حفاظت ڪن ٿا. هنن چيو تہ شهادت هڪ عظيم درجو آهي ۽ شهداءَ هميشه قوم جي دلين ۾ زنده رهندا آهن

بقايا عوامي سوچ 25

ف وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ڪارڪنن ۽ شهرين شرڪت ڪئي ريلي المرتضيٰ سپيا هائوس ريتي روڊ کان شروع ٿي ۽ شهر جي مختلف رستن مان گذرندي پريس ڪلب پهتي احتجاج جي اڳواڻي علي نواز خان سپيو، نذير احمد ڪلهوڙو، مشتاق علي چچڙ، علي نواز ڪرير، پيو خان سپيو زعفران علي، الهڏنو بوزدار، راضي خان رند ۽ ٻين ڪئي ڪارڪنن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪئي مظاهرين خالد ڪولاچي ايس ايس پي ڪراچي ۽ مزمل سومرو خلاف سخت نعرا هنيا ۽ مطالبو ڪيو تہ منير احمد بروهي خلاف داخل ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن پريس ڪلب اڳيان اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ ڪراچي پوليس سياسي انتقام تحت ڪوڙا ڪيس داخل ڪري رهي آهي ۽ منير بروهي جي گهرن تي ڇاپا ... هڪ بهادر ۽ اصولي اڳواڻ آهي. جنهن کي سياسي انتقام جو نشانو بڻايو پيو وڃي جيڪو اهڙي ناانصافي هرگز برداشت نہ ڪنداسين ۽ جيڪڏهن ڪيس ختم نہ ڪيا ويا تہ سڄي سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي اڳواڻن پڻ چيو تہ سنڌ خاموشي کي ڪمزوري نہ سمجهيو وڃي. جيڪڏهن ڪارڪنن کي روڊن تي آندو ويو تہ حالتون ڪنٽرول کان ٻاهر ٿي سگهن ٿيون مظاهرين آخر ۾ اختيارين کي خبردار ڪيو تہ منير بروهي خلاف ڪوڙا ڪيس واپس ورتا وڃن، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 26

عزت علي برهماڻي، وڊيرو شعيب ايوب هنگورو وڊيرو يوسف چٽو اڪبر پتي شمن سهتو ۽ ٻيا سائين گڏ هئا

بقايا عوامي سوچ 27

لاشاري نويد لاشاري ميان داد .رمضان لاشاري ۽ حاجي لاشاري شامل سمورن زخمين کي تعلقه اسپتال ٽنڊوغلام حيدر آندو ويو جتي طبي امداد ڏيڻ بعد ڪين سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 28

طرفان خوشدل شاهه 3، معين علي 2، حسن علي ۽ زمپا هڪ - هڪ وڪيٽ ورتي. جواب ۾ ڪراچي ڪنگز 19.4 اوورن ۾ 196 رنسن تي آئوٽ ٿي وئي، ريزا هينڊرڪس 49 رنسن سان ٽاپ اسڪورر رهيو. عباس آفريدي 34، ڪپتان معين علي 27، حسن علي 23، سعد بيگ 21 رنسون ناهيون.

بقايا عوامي سوچ 29

شاور جي بيٽرن شروع کان ئي جارحاڻي راند ڪيڏي. جنهن بابر اعظم 52 بالن تي ناقابل شڪست 100 رنسن جي اننگز ڪيڏي. هن 4 ڇڪا ۽ 6 چوڪا هنيا. پشاور زلمي مقرر اوورن ۾ 3 وڪيٽن جي نقصان تي 255 رنسون ناهيون. ڪوشل مينڊس 83 جي شاندار اننگز ڪيڏي، آرون هارڊي 26، فرحان يوسف 19، محمد حارث 16 رنسون ناهيون.

بقايا عوامي سوچ 30

چيو آهي تہ گذريل آءِ پي ايل سيزن ۾ مان رڳو ٽي ميچون ڪيڏيون ۽ بيٽنگ جو موقعو بہ گهٽ مليو. مان وڌيڪ ڪيڏڻ چاهيان ٿو ۽ پنهنجي فارم کي برقرار رکڻ چاهيان ٿو. هڪ انٽرويو ۾ معين علي چيو تہ گذريل سيزن ۾ ڪولڪتا نائيٽ رائيڊرز طرفان محدود موقعا مليا. جنهن سبب هن ڀيري آءِ پي ايل کان پري رهيس. هن چيو تہ پنهنجي عمر 38 سال آهي ۽ هاڻ بہ ڪيڏڻ ۽ پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بڻائيندي ڪيريئر کي ڊگهو ڪرڻ چاهيان ٿو ڪراچي ڪنگز جي نمائندگي ڪندڙ معين علي چيو تہ پي ايس ايل جو مختصر دورانيو منهنجي ۽ منهنجي خاندان لاءِ وڌيڪ موزون آهي. معين علي انڪشاف ڪيو تہ مان شروع کان ئي پي ايس ايل ڪيڏڻ جو خواهشمند هيس پر ليگ جي شيڊيول جي ٽڪراءَ سبب پرڏيهي رانديگرن کي اڪثر هڪ ئي ٽورنامينٽ جي چونڊ ڪرڻي پوندي آهي. مان هن ڀيري پي ايس ايل ۾ شرڪت کي ترجيح ڏني.

بقايا عوامي سوچ 31

اڄوڪي ڪانيو مداحن مختلف تبصرا ڪيا. ڪجهه واهپيدارن ٻنهي وچ ۾ لاڳاپن بابت بہ اڳڪٿيون شروع ڪري ڇڏيون. سوشل ميڊيا واهپيدارن تصويرن تي "ڪوا برياني جي پيگي هونٽ تيري" سان پارٽي جهڙا مزاحيه تبصرا بہ ڪيا.

ڊاڪٽر فهميده لغاري ۽ ٻين مقتول عورتن سان پيش آيل افسوسناڪ واقعن خلاف انصاف جي گهرج لاءِ احتجاجي ريلي

جيڪا مختلف رستن کان ٿيندي ميرپورخاص پريس ڪلب اڳيان پهچي ڌرڻي جي صورت اختيار ڪري وئي

ڊاڪٽر فهميده لغاري، هالا شهر جي شمائلہ ۽ ضلعي خيرپور جي نوجوان ڇوڪري خالد چانديو سان ٿيل ظلم انسانيت جي توهين آهي

اهڙن سنگين واقعن ۾ ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري کين سخت کان سخت سزا ڏني وڃي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊاڪٽر فهميده لغاري ۽ ٻين مقتول عورتن سان پيش آيل افسوسناڪ واقعن خلاف انصاف جي گهرج لاءِ جي ڊبليو سي جي سڏ تي شهر ۾ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا مختلف رستن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ننگرپارڪر لڳ ڏانو ڏانڌل جي گرين پارڪ اسٽيڊيم ۾ ٻن ڏينهن تي مشتمل شاندار ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ منعقد

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ آف سنڌ جي اهتمام هيٺ ننگرپارڪر لڳ ڏانو ڏانڌل جي گرين پارڪ اسٽيڊيم ۾ ٻن ڏينهن تي مشتمل شاندار ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو. نوجوانن ۽ ڪرڪيٽ شوقينن جي وڏي انگ ۾ شرڪت. فائنل مقابلا ٿيندا. خبر موجب اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ آف سنڌ جي اهتمام هيٺ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

مخدوم جميل الزمان جا ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن: ممتاز علي شاهه

مخدوم جميل الزمان مٽياري ضلعي ۾ روڊن جا ڄار وڇائي ڇڏيا آهن

آئون عوامي پريس ڪلب اڏيرولال اسٽيشن جي صحافين جو شڪر گذار آهيان جنهن مخدوم جميل الزمان ميڊيا ذريعي ڪوريج ڏني

اهڙن خيالن جو اظهار عوامي پريس ڪلب اڏيرولال اسٽيشن ۾ صحافين سان ڳالهيون

اوڏيرولال (رپورٽ منورهنگورو) اوڏيرولعل اسٽيشن ۾ مخدوم جميل الزمان جو ڪوآرڊينيٽر سيد ممتاز علي شاهه سهيل احمد ساهووال. سيد وڏل شاهه. وڏيرو مرتضا ڏيتو محمد خان ٻجو رئيس مير مرتضا خشڪ. صدام چانڊيو صحافي ظهور احمر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ڪيٽي ۾ ڳوٺ مالو ميگهواڙ تي وري حملو، ڌمڪيون، پوليس گڏ هجڻ جا الزام

عمراڻي برادري جا ماڻهو گهرائي ٻيهر گهرن کي پناهه طور ڇڏيل ديوين کي وڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

لنڊ برادري پوليس کي گهرائي حملي سان گڏ انتظامي طور تي پڻ هيسايو پيو وڃي

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) ٿرپارڪر ضلعي جي تعلقي ڪلوئي جي ٿاڻي حد ڪيٽي جي ڳوٺ مالو مينگهواڙ تي هٿياربند لنڊ برادري پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ايس ايس پي سجاول عليند راڄپر جي خاص هدايتن تي ضلعي پوليس منشيات خلاف ڪارروائيون تيز ڪري ڇڏيون

ون فائيو انچارج ابراهيم زنگيجو پنهنجي ٽيم سان گڏ دڙي موري پرسان هلندڙ هڪ غيرقانوني گھٽڪي جي فيڪٽري تي ڇاپو هنيو

پوليس ڪارروائي دوران فيڪٽري مان وڏي مقدار ۾ تيار ٿيل گھٽڪو ڪچو مال ۽ پيڪنگ ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف سامان برآمد ڪيو ويو

پوليس سمورو سامان پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. فيڪٽري ڪافي عرصي کان ڳجهي نموني هلائي پئي وئي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) ايس ايس پي سجاول عليند راڄپر جي خاص هدايتن تي ضلعي پوليس منشيات خلاف ڪارروائيون تيز ڪري ڇڏيون ون فائيو انچارج ابراهيم زنگيجو پنهنجي ٽيم سان گڏ دڙي موري پرسان هلندڙ هڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

حضرت مفتي عبدالرحمان ٺٽوي جي چهلم جي مناسبت سان هڪ نهايت پروقار ۽ روح پرور محفل منعقد

تقريب جي صدارت جامع مسجد جنگشاهي جي خطيب حضرت علامه مولانا الحاج فضل الله حسيني نقشبندي ڪئي

مرحوم جي ايصالِ ثواب لاءِ خصوصي قرآن خواني جو اهتمام پڻ ڪيو ويو

مرحوم جي درجات جي بلندي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي، جنهن بعد شرڪت ڪندڙن ۾ لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو

جنگشاهي (رپورٽر ذوالفقار علي) جنگشاهي جي جامع مسجد ۾ استاذ العلماءِ مفتي اعظم سنڌ حضرت مفتي عبدالرحمان ٺٽوي جي چهلم جي مناسبت سان هڪ نهايت پروقار ۽ روح پرور محفل منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علما ڪرام وڏي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ڪوهستان واري علائقي ۾ ڊينگي جا ڪيترائي ڪيس ظاهر ٿيڻ لڳا

ڳوٺ ماما علي نواز جوکيو ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهو ڊينگي وائرس ۾ مبتلا ٿي ويا آهن

متاثر مريضن مان ڪجھ رورل هيلٿ سينٽر جنگشاهي ۽ ڪجھ سول اسپتال مڪلي ۾ علاج هيٺ آهن

سندن ڳوٺ ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ نه ڪا ويڪسين ڪئي وئي آهي ۽ نه ئي مڇر مار اسپري ڪيو ويو آهي

ٺٽو (رپورٽر واحد شورو) ڪوهستان واري علائقي ۾ ڊينگي جا ڪيترائي ڪيس ظاهر ٿيڻ لڳا آهن. تفصيل موجب ڳوٺ ماما علي نواز جوکيو ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهو ڊينگي وائرس ۾ مبتلا ٿي ويا آهن جن ۾ مظفر جوکيو ولد ذوالفقار جوکيو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ڳوٺ بچل ڪالوني ۾ عوامي تحريڪ طرفان ڊاڪٽر ڪرم ڪالوني جي ٻئي ورسي جي موقعي تي جلسو منعقد

پورهيت طبقي جي حق لاءِ جدوجهد ۽ ڪنگري سنڌ جي قومي وسيلن لاءِ جدوجهد ۾ ان پنهنجي گهر سميت شاندار ڪردار ادا ڪيو

سندس جسماني وڇوڙو سنڌ جي قومي عوامي جمهوري جدوجهد ۾ وڏو خال پيدا ڪري ويو آهي

سنڌ کي هن وقت هلندڙ جدوجهد ۾ ڪرم ڪالوني جهڙن سچن ۽ بهادر ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي سخت ضرورت آهي

ٺٽو ڳوٺ (رپورٽ نويد لغاري) سنڌ جي پرسان ڳوٺ بچل ڪالوني ۾ عوامي تحريڪ طرفان ڊاڪٽر ڪرم ڪالوني جي ٻئي ورسي جي موقعي تي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

6 ڏينهن تي ٻڌل "گائيڊ ٽيچرز (GTs) ۽ سبجيڪٽ ڪوآرڊينيٽرز (SCs) جي ريفريشر ٽريننگ" ڪاميابي سان مڪمل

هي ٽريننگ خاص طور تي ارلي گريڊ ريڊنگ اسڪلس ڊولپمينٽ (ابتدائي درجن جي پڙهڻ جي صلاحيتن) کي بهتر بڻائڻ لاءِ منعقد ڪئي وئي

ٽريننگ World Bank جي تعاون سان SELECT پروگرام هيٺ منعقد ڪئي وئي

ٽنڊو محمد خان (سلمان شيخ) بلڙي شاهه ڪريم جي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول الياس گهراڻو ۾ "سنڌ ارلي لرننگ اينهانسمنٽ ٿرو ڪلاس روم ٽرانسفارميشن (SELECT) پروجيڪٽ" تحت 6 ڏينهن تي ٻڌل "گائيڊ ٽيچرز (GTs) ۽ سبجيڪٽ ڪوآرڊينيٽرز (SCs) جي ريفريشر ٽريننگ" ڪاميابي سان مڪمل ٿي وئي. هي ٽريننگ خاص طور تي ارلي گريڊ ر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

نئي مان بلڊنگس ڊويزن آفيس کي حيدرآباد منتقل ڪرڻ ڪري ٺيڪيدارن ۽ عوام کي سخت مشڪلاتون پيش اچڻ لڳيون

ٺيڪيدارن ۽ شهرين جون دانهون، فورن آفيس کي حيدرآباد کان ٺٽي منتقل ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي

حيدرآباد (GOR ڪالوني) منتقل ڪري ٺيڪيدارن ۽ شهرين سان وڏي ناانصافي ڪئي وئي

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) ٺٽي مان بلڊنگس ڊويزن آفيس کي حيدرآباد منتقل ڪرڻ ڪري ٺيڪيدارن ۽ عوام کي سخت مشڪلاتون پيش اچڻ لڳيون. ٺيڪيدارن ۽ شهرين جون دانهون، فورن آفيس کي حيدرآباد کان ٺٽي منتقل ڪرڻ جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

جي ڊبليو سي جي سڏ تي نيو چونڪ کان مارچ ڪري دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو

استادن شاگردن، وڪيلن، ڊاڪٽرن، صحافين، ليکڪن سميت مختلف مکتب فڪر جي ماڻهن جي شرڪت

پوري سنڌ عورتن لاءِ مقتل گاهه بڻجي وئي آهي، قانون جي پاسداري نه ٿيڻ سبب روزانو عورتون قتل ٿي رهيون آهن

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) سنڌ جي نياڻين نماڻين کي بگهڙين کان بچائڻ ۽ قاتلن کي ڪيفري ڪردار تائين پهچائڻ لاءِ جي ڊبليو سي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

دادو ريلوي اسٽيشن تي ٽرينن جي بحالي لاءِ سيتا سرڻهار فورم پاران احتجاجي مظاهرو

سيتا سرڻهار فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي هيٺ دادو ريلوي اسٽيشن تي علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

احتجاج کي 3 سال 2 مهينا 28 ڏهاڙا گذري چڪا آهن، ٻي صورت ۾ احتجاج جو اڻ کٽ سلسلو جاري رهندو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ريلوي اسٽيشن تي ٽرينن جي بحالي لاءِ سيتا سرڻهار فورم پاران احتجاجي مظاهرو، ريلوي وزير خلاف نعري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

سنڌي ادبي سنگت، شاخ دادوءَ جي سال 2025_26 جي آخري گڏجاڻي

گڏجاڻي جوش ۽ جذبي سان سنگت آفيس ۾ شاهه سائين جي شعر سان منعقد ٿي

ڪاروائي سيڪريٽري سجاد يوسف سومرو هلائي، شاعرن خوبصورت شاعري پيش ڪئي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) سنڌي ادبي سنگت، شاخ دادوءَ جي سال 2025_26 جي آخري گڏجاڻي جوش ۽ جذبي سان سنگت آفيس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

راشد محمود سومرو 20 اپريل تي جيڪب آباد ۾ اسرائيل مرده باد ريلي ۽ پريس ڪانفرنس ۾ خطاب ڪندا

اڳواڻن جو 3 وڳي راجا پيٽرول پمپ جيڪب آباد وٽ شاندار استقبال ڪيو ويندو

جيڪب آباد (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام ضلعي جيڪب آباد جي امير ڊاڪٽر اي جي انصاري ميڊيا ٽاڪ ۾ چيو آهي ته جي يو آءِ سنڌ جو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

علمي درسگاهن اندر نياڻين کي حراسان ڪرڻ واري عمل خلاف جي ڊبليو سي پاران احتجاجي مظاهرو

ڪارو ڪاري جي آڙ ۾ اڄ جي وڏيرڪي نظام لکين نياڻين جو قتل عام ڪيو آهي

جنهن جي مذمت ڪيون ٿا، ڪارو ڪاري جهڙي ڪُڌي رسم خلاف ڪو مضبوط قانون جوڙيو وڃي / اڳواڻ

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد ڪارو ڪاري جهڙي ڪُڌي رسم توڙي علمي درسگاهن اندر نياڻين کي حراسان ڪرڻ واري عمل خلاف جي ڊبليو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

نجي چينل جي ڪئمرامين يوسف ميراڻي کي موتمار ڌمڪيون

باا ثر منشيات فروشن جو سندس پائٽي تي وحشياڻو حملو

ٺٽو جي علائقي بخاري پاڙي ۾ خطرناڪ صورتحال پيدا ٿي وئي آهي

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) نجي چينل جي ڪئمرامين يوسف ميراڻي کي موتمار ڌمڪيون. باا ثر منشيات فروشن جو سندس پائٽي تي وحشياڻو حملو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

پيٽائي فنڪار اتحاد دادو پاران اداڪارن شاعرن ۽ گلوڪارن ٽريننگ سيشن

جنهن ۾ ماسٽر ٽرينر جاويد اقبال. ميڊيم فرح کوسو ۽ راشد علي پنهنجي تجربي مطابق معلومات ڏني

نظرانداز ڪرڻ تي ٻارڙن ۽ نوجوانن سان گڏ عورتن جي ذهني نشونما تي اثرانداز ٿين ٿا

دادو (رپورٽ محمد رفيق چنه) پيٽائي فنڪار اتحاد دادو پاران جي ايم خاني دادو ۾ اسلامڪ رليف آرگنائيزيشن لاڙڪاڻي جي سهڪار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

سنڌ ۾ نياڻين جي قتل خلاف جي ڊبليو سي جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو، زوردار نعريبازي

منظور پالاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب ٺٽو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري زوردار نعريبازي

سنڌ ۾ گذريل ڪجھ عرصي کان "ڪاري" قرار ڏئي بيگناهه عورتن کي قتل ڪرڻ جا واقعا هڪ ڀيرو ٻيهر وڌي ويا آهن

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) سنڌ ۾ نياڻين جي قتل خلاف جي ڊبليو سي جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو، زوردار نعريبازي، عورتن جي تحفظ جو مطالبو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

سنڌ ۾ ناحق قتل ٿيل عورتن ۽ شاگرديائڻين جي خون سان انصاف ٿيڻ لاءِ ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو

ريلي شاهي بازار کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي

جنهن ۾ ڪارڪنن صحافين سياسي سماجي ماڻهن ۽ شهرين هٿن ۾ بئنر کڻي انصاف لاءِ احتجاج ڪيو

سجاول (رپورٽ: امتياز ميمڻ) سجاول ۾ مظلومن جي آواز جي ڊبليو سي پاران سنڌ ۾ ناحق قتل ٿيل عورتن ۽ شاگرديائڻين جي خون سان انصاف ٿيڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

مير طارق خان ٽالپور جو ٽالپور هائوس ڊگهڙي ۾ مصروف ڏينهن گذاريو

معززين علائقي، پارٽي ڪارڪنن ۽ شهرين سان ملاقاتون ڪيون ۽ پنهنجا مسئلا پيش ڪيا

ملاقاتن دوران عوام صوبائي وزير جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ مٿن مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو

ميرپور خاص (بيوروچيف سومارسميجو) صوبائي وزير براءِ سماجي ڀلائي مير طارق خان ٽالپور جو ٽالپور هائوس ڊگهڙي ۾ مصروف ڏينهن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

لاڙڪاڻي ۾ ميمڻ سان منسوب ڪيو ويو

سچل ادبي مرڪز جون ادبي خدمتون 1982 کان مسلسل جاري آهن: جواد جعفري جو خطاب

اڄوڪي مشاعري ۾ نوجوان شاعرن جي شاعري ٻڌي سنڌي شاعريءَ جي آئيندي ۾ ايمان پختو ٿي ويو

شاعر پنهنجي دور جي منظوم تاريخ لکندا آهن اڄوڪي شاندار مشاعري ۾ بيحد خوبصورت تخليقون پيش ٿيون آهن

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ ميمڻ سان منسوب ڪيو ويو. مشاعري سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي خزانچي ستار هليو، ادب شعبي آرٽس ڪائونسل جو چيئرمين اختر پيا. ناميارو محقق ۽ شاعر ڊاڪٽر احسان دانش سميت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

دڙي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال جي سالگرهه جي موقعي تي تقريب ڪوٺائي وئي

شاهه رخ انور سيال هميشه پارٽي جي منشور تي هلندي بغير رنگ، نسل، ذات پات جي غريب، مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن جي خدمت ۽ مدد ڪئي آهي

جيڪا ڳالهه ڪنهن کان لڪيل نه آهي، سيال پائرن جو لاڙڪاڻي شهر جي ترقي ۾ اهم ڪردار رهيو آهي

رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرائڻ سان گڏ عوام کي بنيادي سهولتون سندن درن تي مهيا ڪيون آهن

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ورڪر علي رضا سومرو طرفان سنڌ جي اڳوڻي صوبائي گهرو وزير ايم پي اي سهيل انور سيال جي پاءُ دڙي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال جي سالگرهه جي موقعي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فوت ٿي ويو

غلام الله ۾ نوجوان تنوير جمالي کي ويلڊنگ جو ڪم ڪندي اچانڪ بجلي جو ڪرنٽ لڳي ويو

جتي هو زخمن جا سور نه سگهندي فوت ٿي ويو. لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

غلام الله (رپورٽ بابوجان هنگورجو) بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فوت ٿي ويو تفصيل موجب: غلام الله ۾ نوجوان تنوير جمالي کي ويلڊنگ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

پاڪ فوج جي جوان شهيد آفتاب علي پنهور جي نماز جنازه سندس اباڻي ڳوٺ لاکو پنهور ۾ ادا ڪئي وئي

نماز جنازه ۾ پاڪ فوج جي آفيسرن، مقامي انتظاميه، سياسي ۽ سماجي شخصيتن سميت شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

ان موقعي تي فضاءَ "پاڪستان زنده باد" ۽ "پاڪ فوج زنده باد" جي نعرن سان گونجي اٿي

سندس مزار تي گلن جون چادرون پڻ چاڙهيون ويون، علائقي واسين ۽ معززين شهيد کي پيٽا پيش ڪندي مٿس گل نڇاور ڪيا

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص: "شهيد جي جيڪا موت آهي، سا ئي قوم جي حيات آهي" گذريل ڏينهن وانا وزيرستان ۾ وطن عزيز جي حفاظت دوران شهيد ٿيندڙ ميرپورخاص جي ڳوٺ لاکو پنهور سان تعلق ر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

اوباوڙو ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو جي ساٿي ۽ پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جي مرڪزي اڳواڻ ڪمانڊر منير احمد بروهي خلاف احتجاج

سندس گهرن تي چڙهائين خلاف وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ڪارڪنن ۽ شهرين شرڪت ڪئي

ريلي المرتضيٰ سپيا هائوس ريتي روڊ کان شروع ٿي ۽ شهر جي مختلف رستن مان گذرندي پريس ڪلب پهتي

زافران علي، الهڏنو بوزدار، راضي خان رند ۽ ٻين ڪئي ڪارڪنن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪئي

اوباوڙو (رپورٽ عبدالحميد عباسي) اوباوڙو ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو جي ساٿي ۽ پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جي مرڪزي اڳواڻ ڪمانڊر منير احمد بروهي خلاف ڪراچي پوليس پاران مبينا طور ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ ۽ سندس گهرن تي چڙهائين خلا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

حاجي جان محمد بلوچ جي لاڏاڻي تي سندس پيا شاهه محمد بلوچ ۽ سندس پٽ عبدالرئوف بلوچ تعزيت

اوڏيرولال (رپورٽ منورهنگورو) اوڏيرولعل اسٽيشن ايم پي اي مٽياري ۽ گهرو ڪاتوجو پارليمينٽري سيڪريٽري مخدوم فخر الزمان اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ حاجي جمع خان بلوچ پهچي ڳوٺ جي معزز حاجي جان محمد بلوچ جي لاڏاڻي تي سندس پيا شاهه محمد بلوچ ۽ سندس پٽ عبدالرئوف بلوچ تعزيت سان ڪئي ان موقعي تي ساٿس پ پ اڳواڻ تعلقه مٽياري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ڳوٺ جمالدين لاشاري ۾ پلاٽ جي معاملي تان لاشاري برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

ڳوٺ جمالدين لاشاري ۾ پلاٽ جي معاملي تان لاشاري برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

زخمين ۾ عبدالرحيم.. عرفان لاشاري نويد لاشاري ميان داد. رمضان لاشاري ۽ حاجي لاشاري شامل

سمورن زخمين کي تعلقه اسپتال ٽنڊوغلام حيدر آندو ويو جتي طبي امداد ڏيڻ بعد کين سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

ٽنڊوغلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊي غلام حيدر ويجهو ڳوٺ جمالدين لاشاري ۾ پلاٽ جي معاملي تان لاشاري برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿيو لٺيون ڏنڊا ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا 6 ڄڻا زخمي زخمين ۾ عبدالرحيم.. عرفان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

پي ايس ايل: ملتان سلطانز ڪراچي ڪنگز کي 11 رنسن تان شڪست ڏئي ڇڏي

ڪراچي ۾ ملتان سلطانز پهريان بيٽنگ ڪندي 7 وڪيٽن جي نقصان تي 207 رنسون ناهيون، شان مسعود 46 ۽ جوش فلپس 44 رنسن سان اڳيرا رهيا

ڪراچي طرفان خوشدل شاهه 3، معين علي 2، حسن علي ۽ زمپا هڪ – هڪ وڪيٽ ورتي

جواب ۾ ڪراچي ڪنگز 19.4 اوورن ۾ 196 رنسن تي آئوٽ ٿي وئي، ريزا هينڊرڪس 49 رنسن سان ٽاپ اسڪورر رهيو

ڪراچي (اسپورٽس نيوز) پاڪستان سپر ليگ جي 28هين ميچ ۾ ملتان سلطانز ڪراچي ڪنگز کي 11 رنسن تان شڪست ڏئي ڇڏي. ڪراچي ۾ ملتان سلطانز پهريان بيٽنگ ڪندي 7 وڪيٽن جي نقصان تي 207 رنسون ناهيون، شان مسعود 46 ۽ جوش فلپس 44 رنسن سان اڳيرا رهيا. ڪراچي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

بابر اعظم جي شاندار سينچري، پشاور جو ڪوئيٽا کي ڪاميابي لاءِ 256 رنسن جو هدف

ڪراچي (اسپورٽس نيوز) پاڪستان سپر ليگ جي 29هين ميچ ۾ پشاور زلمي بابر اعظم جي شاندار سينچري جي مدد سان ڪوئيٽا گليڊيئيٽرز کي ڪاميابي لاءِ 256 رنسن جو وڏو هدف ڏئي ڇڏيو. ڪراچي جي نيشنل اسٽيڊيم ۾ ڪوئيٽا گليڊيئيٽرز ٽاس کٽي اڳ ۾ بالنگ جو فيصلو ڪيو جيڪو غلط ثابت ٿيو. پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

آءِ پي ايل ۾ محدود موقعا ملڻ سبب پي ايس ايل کي ترجيح ڏني: معين علي

گذريل آءِ پي ايل سيزن ۾ مان رکو اڌ ميچون کيڏيون ۽ بيٽنگ جو موقعو به گهٽ مليو

گذريل سيزن ۾ ڪولڪتا نائيٽ رائيڊرز طرفان محدود موقعا مليا، جنهن سبب هن ڀيري آءِ پي ايل کان پري رهيس

ڪراچي (اسپورٽس نيوز) انگلش ڪرڪيٽر معين علي پارٽي ليگ آءِ پي ايل ڇڏي پاڪستان سپر ليگ کي ترجيح ڏيڻ جو سبب ٻڌائيندي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

"ڪوا برياني جي پيگي هوڻ تيري سان پارٽي": وجي راز ۽ مليڪا شراوت جي تصويرن تي تبصرا

اداڪار وجي راز جون تصويرون سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ويون، جنهن ۾ ٻنهي کي هڪ پارٽي دوران گڏ ڏسي سگهجي ٿو

تصويرون سوشل ميڊيا تي سامهون اچڻ ڪانپوءِ مداحن مختلف تبصرا ڪيا، ڪجهه واهپيدارن ٻنهي وچ ۾ لاڳاپن بابت به اڳڪٿيون شروع ڪري ڇڏيون

ڪراچي (شوبز نيوز) بالي ووڊ اداڪارا مليڪا شراوت ۽ اداڪار وجي راز جون تصويرون سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ويون، جنهن ۾ ٻنهي کي هڪ پارٽي دوران گڏ ڏسي سگهجي ٿو. تصويرون سوشل ميڊيا تي سامهون/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31